إِلَيْهِ يُرَدُّ عِلْمُ السَّاعَةِ ۚ وَمَا تَخْرُجُ مِن ثَمَرَاتٍ مِّنْ أَكْمَامِهَا وَمَا تَحْمِلُ مِنْ أُنثَىٰ وَلَا تَضَعُ إِلَّا بِعِلْمِهِ ۚ وَيَوْمَ يُنَادِيهِمْ أَيْنَ شُرَكَائِي قَالُوا آذَنَّاكَ مَا مِنَّا مِن شَهِيدٍ ﴿٤٧﴾

(٤٧) (عذاب جي اچڻ واري) گهڙيءَ جي علم جو حوالو سندس ئي طرف ڏيئي سگهجي ٿو. (يعني فقط الله ئي ڄاڻي ٿو ته اها گهڙي ڪڏهن اچڻي آهي) ۽ ٻور مان ميوا نٿا نڪرن، ۽ ماديءَ کي حمل (يعني پيٽ ۾ ٻچو) نٿو ٿئي ۽ هوءَ ٻچو نٿي ڄڻي پر سندس ئي علم سان (يعني الله تعاليٰ اهو سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو) ۽ جنهن ڏينهن هو کين پڪاري پڇندو ته ڪٿي آهن اهي (ديوتائون) جن کي اوهان مون سان شريڪ ٺهرائيندا هئو؟ تڏهن هو چوندا ته (اي خدا) اسان توکي يقين سان ٻڌايون ٿا ته اسان مان ڪوبه ان ڳالهه جي شاهدي ڪونه ڏيندو (ته ٻيو به ڪو تو سان خدائيءَ ۾ شريڪ آهي.).

وَضَلَّ عَنْهُم مَّا كَانُوا يَدْعُونَ مِن قَبْلُ ۖ وَظَنُّوا مَا لَهُم مِّن مَّحِيصٍ ﴿٤٨﴾

(٤٨) ۽ جن (ديوتائن) کي هو اڳي پڪاريندا (۽ پوڄيندا) هئا سو سڀ ڪانئن غائب ۽ گم ٿي ويندا ۽ هو ڏسندا ته (هاڻي) سندن لاءِ ڇوٽڪاري جو ڪوبه چارو ڪونهي.

لَّا يَسْأَمُ الْإِنسَانُ مِن دُعَاءِ الْخَيْرِ وَإِن مَّسَّهُ الشَّرُّ فَيَئُوسٌ قَنُوطٌ ﴿٤٩﴾

(٤٩) انسان نعمتن جي گهر ڪرڻ ۾ ٿڪجي ئي نٿو (يعني سندس حرص جي حد ئي ڪانهي). ۽ جيڪڏهن ڪيس ڪا به تڪليف پهچي ٿي ته بلڪل مايوس ۽ نااميد ٿي ٿو پوي.

وَلَئِنْ أَذَقْنَاهُ رَحْمَةً مِّنَّا مِن بَعْدِ ضَرَّاءَ مَسَّتْهُ لَيَقُولَنَّ هَٰذَا لِي وَمَا أَظُنُّ السَّاعَةَ قَائِمَةً وَلَئِن رُّجِعْتُ إِلَىٰ رَبِّي إِنَّ لِي عِندَهُ لَلْحُسْنَىٰ ۚ فَلَنُنَبِّئَنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا بِمَا عَمِلُوا وَلَنُذِيقَنَّهُم مِّنْ عَذَابٍ غَلِيظٍ ﴿٥٠﴾

(٥٠) ۽ جيڪڏهن اسان ڪيس ڪنهن تڪليف بعد جا ڪيس پهتي هجي پنهنجي رحمت جو مزو چکايون ته هو يقيناً چوندو ته هي منهنجو حق آهي ۽ مان نٿو ڀانيان ته (پڇاڙي واري) گهڙي قائم ڪئي ويندو. ۽ جيڪڏهن مان پنهنجي پروردگار ڏي ڪٿي موٽايو به وڃان ته به يقين آهي ته وٽس ضرور منهنجي لاءِ چڱائي (۽ نعمتون) موجود هونديون. (اها آهي منڪرن جي ذهنيت) پر اسان ڪافرن کي سندن (بد) عملن جي حقيقت کولي ٻڌائينداسين ۽ کين سخت عذاب جو مزو چکائينداسين.

وَإِذَا أَنْعَمْنَا عَلَى الْإِنسَانِ أَعْرَضَ وَنَأَىٰ بِجَانِبِهِ وَإِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ فَذُو دُعَاءٍ عَرِيضٍ ﴿٥١﴾

(٥١) ۽ جڏهن اسان انسان تي نعمتون ڪيون ٿا تڏهن هو (اسان کان) منهن موڙي ڇڏي ٿو ۽ (اسان کان) پاسي ٿي هليو ٿو وڃي (يعني اسان جي حڪمن جي تعميل نٿو ڪري) ۽ جڏهن وري ڪيس ڪا تڪليف ٿي پهچي تڏهن ڊگهيون ڊگهيون دعائون ٿو گهري.

قُلْ أَرَأَيْتُمْ إِن كَانَ مِنْ عِندِ اللَّهِ ثُمَّ كَفَرْتُم بِهِ مَنْ أَضَلُّ مِمَّنْ هُوَ فِي شِقَاقٍ بَعِيدٍ ﴿٥٢﴾

(٥٢) (اي پيغمبر! تون کين) چئو ته، غور ڪري ڏسو ته جيڪڏهن هي (وحي قرآن مجيد سچ پچ) الله وٽان آيل هجي ۽ پوءِ توهان ان کي نه مڃيو ته پوءِ انهيءَ شخص کان وڌيڪ گمراهه ڪير ٿي سگهي ٿو جو مخالفت ۾ پري نڪري وڃي؟

سَنُرِيْهِمْ اٰيٰتِنَا فِي الْاٰفَاقِ وَفِيْٓ اَنْفُسِهِمْ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُ الْحَقُّ ۭ اَوَلَمْ يَكْفِ بِرَبِّكَ اَنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ۝۵۳

(٥٣) جلد ئي اسان هنن کي هن ئي جهان ۾ ۽ خود سندن جانين ۾ پنهنجون نشانيون ظاهر ڪري ڏيکارينداسين تان جو هنن کي چٽو ڏسڻ ۾ ايندو تہ اهو بيشڪ حق آهي. (اي پيغمبر!) ڇا تنهنجي رب جي اها ڳالھ ڪافي ناهي ڇا تہ يقيناً هو هر چيز تي شاهد آهي.

اَلَآ اِنَّهُمْ فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْ لِّقَاۗءِ رَبِّهِمْ ۭ اَلَآ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيْطٌ ۝۵۴

(٥٤) هي ماڻهو پنهنجي رب جي روبرو پيش ٿيڻ بابت شڪ ۾ آهن. پر يقين ڄاڻو تہ هو هر چيز کي گهيرو ڪيو بيٺو آهي.

**سورة الشوريٰ (معنيٰ: مشورو وٺڻ يا صلاح مصلحت ڪرڻ) مڪي**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

**رڪوع 1**

**الله تعاليٰ چاهي ها تہ سيني انسانن کي هڪ وات تي هلائي ها**

حٰمۗ ۝۱

(١) حا - ميم

عۗسۗقۗ ۝۲

(٢) عين — سين — قاف

كَذٰلِكَ يُوْحِيْٓ اِلَيْكَ وَاِلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكَ ۙ اللّٰهُ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝۳

(٣) (اي پيغمبر!) اهڙيءَ طرح (جيئن تون ڏسين ٿو) اهو الله توڏي وحي موڪلي ٿو ۽ جيڪي توکان اڳي ٿي گذريا تن ڏي بہ موڪليندو رهيو هو. جو الله وڏي طاقت وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ۝۴

(٤) جيڪي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي جيڪي زمين ۾ آهي سو سڀ الله جو آهي. ۽ هو سڀني کان مٿاهون ۽ سڀني کان وڏو آهي.

تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرْنَ مِنْ فَوْقِهِنَّ وَالْمَلٰۗىِٕكَةُ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَيَسْتَغْفِرُوْنَ لِمَنْ فِي الْاَرْضِ ۭ اَلَآ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ۝۵

(٥) (سندس شان ۽ جلال اهڙو تہ آهي جو ان جي اثر کان) آسمان بہ مٿان کان ذري گهٽ ڦاٽڻ تي آهن. ۽ فرشتا پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ ثنا ڪندا رهن ٿا (يعني سندس حڪمن موجب سندس ربوبيت ۽ رحمت وغيره جي ڪمن ۾ ڊڪ ڊوڙ ڪندا رهن ٿا) ۽ جيڪي زمين تي رهن ٿا تن جي لاءِ بخششون گهرن ٿا. ياد رکو تہ الله تعاليٰ بيشڪ غفور ۽ رحيم آهي، (انهن لاءِ جيڪي سندس حڪمن تي هلڻ ۾ سعي ڪار آهن.).

وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَاۗءَ اللّٰهُ حَفِيْظٌ عَلَيْهِمْ ڮ وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ ۝۶

(٦) ۽ جيڪي ماڻهو الله کي ڇڏي ٻين کي اولياء (يعني ڪارساز ۽ مددگار) بنائين ٿا تن کي الله تعاليٰ ڏسي رهيو آهي، ۽ (اي پيغمبر!) تون انهن جو وڪيل يا ڪارساز ڪونہ آهين (يعني توتي انهن جي بدڪمن جي ذميواري ڪانهي.)

وَكَذٰلِكَ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لِّتُنْذِرَ اُمَّ الْقُرٰى وَمَنْ حَوْلَهَا وَتُنْذِرَ يَوْمَ الْجَمْعِ لَا

(٧) ۽ هن طرح (اي پيغمبر!) اسان توتي عربي قرآن وحي ڪري موڪليو آهي تہ تون شهرن جي ماءُ (يعني مڪي شريف جي ماڻهن) کي ۽ چوگرد

رَيْبَ فِيْهِ ۭ فَرِيْقٌ فِي الْجَنَّةِ وَفَرِيْقٌ فِي السَّعِيْرِ ۝

وارن ماڻهن کي خبردار ڪرين، ۽ گڏ ٿيڻ واري (قيامت جي) ڏينهن بابت خبردار ڪرين جنهن ڏينهن جي (اچڻ) بابت ڪو شڪ ئي ڪونهي. (انهيءَ ڏينهن) ڪي جنت ۾ ۽ ڪي وري ڀڙڪندڙ باهہ ۾ ڌوڪيا ويندا.

وَلَوْ شَاۗءَ اللّٰهُ لَجَعَلَهُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنْ يُّدْخِلُ مَنْ يَّشَاۗءُ فِيْ رَحْمَتِهٖ ۭ وَالظّٰلِمُوْنَ مَا لَهُمْ مِّنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ۝۸

(۸) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها تہ سڀني ماڻهن کي هڪ امت ڪري ها (۽ سڀ طوعاً ڪرهاً، پسند اچي يا نہ اچين) هڪ سڌيءَ واٽ تي هلن ها، (پر الله تعاليٰ ائين نہ ڪيو ۽ چاهيائين تہ انسان پنهنجو ارادو ڪم آڻي پنهنجي ترقي پاڻ ڪري) پر هو پنهنجي رحمت ۾ انهن کي داخل ڪري جن کي (سندن نيڪ عملن سببان) چاهي ٿو، ۽ جيڪي ظلم ڪندڙ آهن تن جي لاءِ ڪوبہ ڪارساز ۽ مددگار ڪونهي.

اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَاۗءَ ۚ فَاللّٰهُ هُوَ الْوَلِيُّ وَهُوَ يُـحْيِ الْمَوْتٰى ۡ وَهُوَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝۹

(۹) يا (هيئن آهي ڇا) تہ هنن ماڻهن الله کي ڇڏي ٻين کي اولياء (يعني پنهنجو ڪارساز ۽ مددگار) ڪري ورتو آهي؟ سو (هو ياد رکن تہ) فقط الله ئي ڪارساز ۽ نگهبان آهي. ۽ هو ئي مئلن کي زنده ڪري ٿو (يعني مرده دل ماڻهن کي زنده دل ڪري سنئين واٽ تي آڻي ٿو) ۽ هو هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي.

رڪوع 2

**فرقا نہ ناهيو، جهيڙا جهٽا نہ ڪيو اجايا جهيڙا ڪندڙ ڪامياب نہ ٿيندا.**

وَمَا اخْتَلَفْتُمْ فِيْهِ مِنْ شَيْءٍ فَحُكْمُهٗٓ اِلَى اللّٰهِ ۭ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبِّيْ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ ڰ وَاِلَيْهِ اُنِيْبُ ۝۱۰

(۱۰) ۽ جنهن ڳالهہ بابت توهان هڪٻئي سان اختلاف رکو ٿا تنهن جو فيصلو الله وٽ ٿيڻو آهي (پاڻ ۾ جهڳڙو نہ ڪريو) اهڙو آهي الله منهنجو پروردگار! مون انهيءَ ئي تي ڀروسو رکيو آهي، ۽ مان انهيءَ ئي ڏانهن رجوع ٿيان ٿو.

فَاطِرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا وَّمِنَ الْاَنْعَامِ اَزْوَاجًا ۚ يَذْرَؤُكُمْ فِيْهِ ۭ لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَيْءٌ ۚ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ۝۱۱

(۱۱) آسمان ۽ زمين کي (عدم مان) پيدا ڪندڙ اهوئي آهي. هن اوهان ئي منجهان اوهان جي لاءِ جوڙا (يعني مرد ۽ زالون) بنايا آهن، ۽ چوپاين جانورن (يعني ڍورن ڍڳن) ۾ بہ جوڙا ناهيا اٿس. اهڙيءَ طرح هو واهان کي تعداد ۾ وڌائي ٿو (۽ ڍورن ڍڳن کي بہ اوهان جي فائدي لاءِ وڌائي ٿو) ڪابہ شيءِ الله تعاليٰ جي مثال جهڙي نہ آهي، ۽ هو سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي.

لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَاۗءُ وَيَقْدِرُ ۭ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ۝۱۲

(۱۲) آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون سندس ئي آهن. هو جنهن جي لاءِ چاهي ٿو تنهنجي لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ (جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن جي لاءِ پنهنجي حڪمت موجب) تنگ ٿو ڪري. يقيناً هو هر چيز جو علم رکندڙ آهي.

شَرَعَ لَكُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا وَصّٰى بِهٖ نُوْحًا وَّ
الَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَمَا وَصَّيْنَا بِهٖٓ
اِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى وَعِيْسٰٓى اَنْ اَقِيْمُوا
الدِّيْنَ وَلَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ ؕ كَبُرَ عَلَى
الْمُشْرِكِيْنَ مَا تَدْعُوْهُمْ اِلَيْهِ ؕ اَللّٰهُ
يَجْتَبِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ
يُّنِيْبُ ﴿١٣﴾

(١٣) توهان جي لاءِ هن اهوئي دين مقرر ڪيو آهي جنهن جو حڪم هن حضرت نوح کي ڏنو هو ۽ جو توڏي بہ وحي جي وسيلي موڪليو ويو آهي ۽ جنهن جو حڪم حضرت ابراهيم، حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ کي بہ ڏنو هوسين. (اهو حڪم هي هو) تہ (اسان جي سيڪاريل) دين تي قائم ۽ محڪم رهو ۽ ان ۾ ڦوٽ نہ وجهو ۽ فرقا نہ ٿاهيو. (اي پيغمبر!) تون جنهن دين ڏي (ماڻهن کي) سڏين ٿو سو مشرڪن کي ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي. الله تعاليٰ جن کي (سندن اخلاص ۽ فرمانبرداريءَ لاءِ) چوندي ڪٽي ٿو، ۽ جيڪي ڏانهنس رجوع ٿين ٿا تن کي سڌيءَ واٽ تي لڳائي ٿو ڇڏي.

وَمَا تَفَرَّقُوْٓا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ
بَغْيًاۢ بَيْنَهُمْ ؕ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ
اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى لَّقُضِيَ بَيْنَهُمْ ؕ وَاِنَّ
الَّذِيْنَ اُوْرِثُوا الْكِتٰبَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ لَفِيْ
شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ﴿١٤﴾

(١٤) ۽ جڏهن هنن (ماڻهن) وٽ (سچي دين جو) علم اچي چڪو تنهن کانپوءِ ئي هنن پاڻ ۾ سرڪشي ۽ حسد ڪري اختلاف پيدا ڪيا ۽ فرقا ٺاهيا. ۽ جيڪڏهن تنهنجي پروردگار وٽان اڳي مقرر ميعاد ۽ مدي جو حڪم صادر ٿيل نہ هجي ها تہ يقيناً هنن جي وچ ۾ هڪدم فيصلو ڏنو وڃي ها (۽ حق جي منڪرن کي تباهہ ڪيو وڃي ها) ۽ انهن کانپوءِ جن ماڻهن کي (يعني يهودين ۽ عيسائين کي) ورثي ۾ ڪتاب مليل آهي سو يقيناً ان بابت (پريشان ڪندڙ) شڪ ۾ گرفتار آهن.

فَلِذٰلِكَ فَادْعُ ۚ وَاسْتَقِمْ كَمَآ اُمِرْتَ ۚ وَلَا
تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ ۚ وَقُلْ اٰمَنْتُ بِمَآ اَنْزَلَ
اللّٰهُ مِنْ كِتٰبٍ ۚ وَاُمِرْتُ لِاَعْدِلَ بَيْنَكُمْ ؕ
اَللّٰهُ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ ؕ لَنَآ اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ
اَعْمَالُكُمْ ؕ لَا حُجَّةَ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ ؕ اَللّٰهُ
يَجْمَعُ بَيْنَنَا ۚ وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ؕ ﴿١٥﴾

(١٥) سو (اي پيغمبر!) تون ڪين هن (ڪتاب قرآن مجيد) ڏي سڏ، ۽ جهڙيءَ طرح تو کي حڪم ڏنو ويو آهي تهڙيءَ طرح محڪم ۽ ثابت قدر رهہ ۽ سندن خواهشن جي تابعداري نہ ڪجانءِ، ۽ (کين) چئو تہ جيڪي ڪتاب الله تعاليٰ نازل ڪيا آهن تن تي مان پورو ايمان رکان ٿو ۽ مون کي هي حڪم ڏنو ويو آهي تہ مان اوهان جي وچ ۾ پورو پورو انصاف ڪيان. الله تعاليٰ اسان جو بہ پروردگار آهي ۽ اوهان جو بہ. اسان لاءِ اسان جا عمل ۽ اوهان لاءِ اوهان جا عمل (جهڙا عمل ڪنداسين تهڙا ڦل ملندا) اسان جي ۽ اوهان جي وچ ۾ ڪوبہ جهڳڙو نہ هئڻ گهرجي. الله ئي اسان کي ۽ توهان کي هڪ هنڌ گڏ ڪري آڻيندو (۽ فيصلو ڏيندو) ۽ انهيءَ ئي ڏانهن آخر سڀني کي موٽڻو آهي.

وَالَّذِيْنَ يُحَآجُّوْنَ فِي اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا
اسْتُجِيْبَ لَهٗ حُجَّتُهُمْ دَاحِضَةٌ عِنْدَ
رَبِّهِمْ وَعَلَيْهِمْ غَضَبٌ وَّلَهُمْ عَذَابٌ
شَدِيْدٌ ﴿١٦﴾

(١٦) ۽ جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ بابت جهڳڙا ٿا ڪن انهيءَ کان پوءِ جو سندس سڏ جو جواب ڏنو ويو هجي (يعني مٿس ايمان آندو ويو هجي) تن ماڻهن جا بحث ۽ جهڳڙا الله وٽ بيڪار آهن، (يعني هو ايمان وارن کي برغلائي ڪونہ سگهندا) ۽ انهن تي غضب پوندو (يعني تباهہ ٿيندا) ۽ انهن جي لاءِ سخت عذاب تيار رکيو آهي.

اَللّٰهُ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ وَالْمِيْزَانَ ؕ وَمَا يُدْرِيْكَ لَعَلَّ السَّاعَةَ قَرِيْبٌ ﴿۱۷﴾

(۱۷) الله تعاليٰ اهو آهي جنهن ڪتاب حق سان (ڀريل) نازل ڪيو آهي ۽ تارازي (نازل ڪئي اٿس جنهن سان انسان جي هلت چلت کي توري تو سگهجي) ۽ ڪهڙي ڳالهه توکي محسوس ڪرائيندي ۽ معلوم ڪرائيندي ته ممڪن آهي ته (عذاب يا تباهيءَ جي) گهڙي ويجهي اچي ويئي آهي.

يَسْتَعْجِلُ بِهَا الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِهَا ۚ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مُشْفِقُوْنَ مِنْهَا ۙ وَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهَا الْحَقُّ ؕ اَلَآ اِنَّ الَّذِيْنَ يُمَارُوْنَ فِي السَّاعَةِ لَفِيْ ضَلٰلٍۭ بَعِيْدٍ ﴿۱۸﴾

(۱۸) جيڪي ماڻهو ان (ساعت) بابت ايمان نٿا رکن سي (ان عذاب جي اچڻ لاءِ مسخريءَ طور) تڪڙ لايو وينا آهن (ته جلد اچي) ۽ جن ماڻهن ايمان آندو آهي سي ان گهڙيءَ بابت لرزي رهيا آهن ۽ ڄاڻن ٿا ته يقيناً اها حق آهي (۽ ضرور ايندي) يقين ڄاڻو ته جي ماڻهو ان ساعت بابت جهڳڙا ٿا ڪن سي گمراهيءَ ۾ پري نڪري ويا آهن.

اَللّٰهُ لَطِيْفٌۢ بِعِبَادِهٖ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَهُوَ الْقَوِيُّ الْعَزِيْزُ ﴿۱۹﴾

(۱۹) الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن (مومنن توڙي ڪافرن کي باريڪ طرح ڏسي رهيو آهي ۽ انهيءَ قدر) مٿن مهربان آهي، جن کي چاهي ٿو تن کي (قدر تي) رزق ڏئي ٿو، ۽ هو وڏي قوت وارو ۽ غالب آهي.

## رڪوع 3

### ايمان ۽ ان جا نتيجا، ڪفر ۽ ان جا نتيجا

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الْاٰخِرَةِ نَزِدْ لَهٗ فِيْ حَرْثِهٖ ۚ وَمَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْهَا وَمَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ نَّصِيْبٍ ﴿۲۰﴾

(۲۰) جيڪو آخرت جي کيتي چاهي ٿو تنهن کي اسان سندس کيتي ۾ واڌارو ۽ ترقي ڏيون ٿا. ۽ جيڪو دنيا جي کيتي جو طالب آهي تنهن کي اسان ان مان ڪجهه ڏيون ٿا، پر آخرت مان هن کي ڪجهه به حصو نصيب نه ٿيندو.

اَمْ لَهُمْ شُرَكٰٓؤُا شَرَعُوْا لَهُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا لَمْ يَاْذَنْۢ بِهِ اللّٰهُ ؕ وَلَوْلَا كَلِمَةُ الْفَصْلِ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ؕ وَاِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۲۱﴾

(۲۱) هنن کي اهڙا شريڪ آهن ڇا (جن کي هو خدا جي خدائي ۾ شريڪ ٿا سمجهن) جن هنن جي لاءِ دين جو اهو طريقو سيکاريو آهي جنهن جو الله تعاليٰ حڪم ڪونه ڏنو آهي. ۽ (ياد رکو ته) جيڪڏهن فيصلي جي ڳالهه اڳ ئي ڪيل نه هجي ها (ته گنهگارن کي پاڻ سڌارڻ لاءِ مهلت ٿي ڏجي) ته (هڪدم) هنن جي وچ ۾ فيصلو ڏنو وڃي ها (يعني هڪدم مومنن کي غالب ۽ منڪرن کي مغلوب ۽ تباهه ڪيو وڃي ها) ۽ يقين ڄاڻو ته ظالمن جي لاءِ (آخر) سخت عذاب آهي.

تَرَى الظّٰلِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ مِمَّا كَسَبُوْا وَهُوَ وَاقِعٌۢ بِهِمْ ؕ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فِيْ رَوْضٰتِ الْجَنّٰتِ ۚ لَهُمْ مَّا يَشَآءُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَضْلُ الْكَبِيْرُ ﴿۲۲﴾

(۲۲) ۽ (اي پيغمبر!) تون ڏسين ته ظالم پنهنجي بدعملن جي ڪري خوف ۽ هراس ۾ اچي ويندا ۽ اهو (عذاب يا تباهي يا مغلوبي) مٿن اچي ڪڙڪندي ۽ جن ايمان آندو آهي ۽ نيڪ عمل به ڪيا اٿن سي بهشت جي باغن ۾ هوندا. اهي جيڪي به چاهيندا سو ڪين سندن پروردگار وٽان ملندو. اهوئي آهي جو وڏي ۾ وڏو فضل (۽ نعمت) آهي.

ذٰلِكَ الَّذِيْ يُبَشِّرُ اللّٰهُ عِبَادَهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ؕ قُلْ لَّاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِي الْقُرْبٰى ؕ وَمَنْ يَّقْتَرِفْ حَسَنَةً نَّزِدْ لَهٗ فِيْهَا حُسْنًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ شَكُوْرٌ ﴿٢٣﴾

(٢٣) اها آهي اها (اعليٰ نعمت) جنهن جي خوشخبري الله تعاليٰ پنهنجي انهن ٻانهن کي ڏئي ٿو جن ايمان به آندو آهي ۽ صالح عمل به ڪندڙ آهن. (اي پيغمبر!) تون (ماڻهن کي) چئو ته هن (ڪم) جي عيوض ۾ مان توهان کان ڪو اجورو يا انعام ڪونه ٿو گهران. مان ته فقط ويجهڙائي جي يعني مائٽيءَ جي محبت جي تقاضا ٿو ڪريان. ۽ جيڪو به ماڻو ڪو نيڪيءَ جو ڪم ڪندو تنهن جي لاءِ اسان ان ڪم جي نيڪي (۽ اجر) وڌائيندا سين. يقين ڄاڻو ته الله تعاليٰ غفور آهي ۽ (نيڪن جي نيڪيءَ جو) قدر ڪندڙ آهي (۽ ڪين انعام ڏيندڙ آهي.)

اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ۚ فَاِنْ يَّشَاِ اللّٰهُ يَخْتِمْ عَلٰى قَلْبِكَ ؕ وَيَمْحُ اللّٰهُ الْبَاطِلَ وَيُحِقُّ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٢٤﴾

(٢٤) هي (منڪر ماڻهو) هيئن ٿا چون ڇا ته هو (يعني پيغمبر سڳورو) الله تعاليٰ تي ڪوڙ ٿو ٺاهي؟ (يعني هو جو چوي ٿو ته مان رسول آهيان ۽ مون تي وحي ٿو نازل ٿئي سو ڪوڙ ٿو چوي. پر هو سراسر ڀليل آهن، ڇو ته جيڪڏهن الله تي ڪوڙ ٺاهي ته الله تعاليٰ ڪڏهن به ڪيس ڪامياب نه ڪري) جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ته تنهنجي دل تي مهر هڻي ڇڏي (پر الله تعاليٰ ته اٽلندو تنهنجي دل ڪشادي ڪري ڇڏي آهي ۽ تنهنجا الفاظ عمل ۽ اخلاق اعليٰ درجي جا آهن) ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ باطل کي فنا ڪري ٿو ڇڏي ۽ حق کي پنهنجي حڪمن سان (ڪاميابي ڏئي) سچو ثابت ڪري ٿو ڏيکاري. بيشڪ هو دلين جي رازن کان به واقف آهي.

وَهُوَ الَّذِيْ يَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَيَعْفُوْا عَنِ السَّيِّاٰتِ وَيَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿٢٥﴾

(٢٥) ۽ هو اهو آهي جو پنهنجي ٻانهن جي توبهه قبول ڪري ٿو (يعني جيڪڏهن هو سنئين واٽ تي اچن ٿا ته هنن جا اڳيان گناهه معاف ڪري ٿو ڇڏي) ۽ هو خطائون بخشي ٿو ڇڏي، ۽ جيڪي جيڪي اوهان ڪيو ٿا سو سڀ هو چڱيءَ طرح ٿو ڄاڻي.

وَيَسْتَجِيْبُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَيَزِيْدُهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ وَالْكٰفِرُوْنَ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ﴿٢٦﴾

(٢٦) ۽ جيڪي ماڻهو ايمان ٿا آڻين ۽ صالح عمل به ٿا ڪن تن کي هو اجورو ڏئي ٿو ۽ پنهنجي خاص فضل سان وڌيڪ (نعمتون) به ڏئي ٿو. پر جيڪي ڪفر (۽ بدعمل) ڪن ٿا تن جي لاءِ سخت عذاب تيار رکيل آهي.

وَلَوْ بَسَطَ اللّٰهُ الرِّزْقَ لِعِبَادِهٖ لَبَغَوْا فِي الْاَرْضِ وَلٰكِنْ يُّنَزِّلُ بِقَدَرٍ مَّا يَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ بِعِبَادِهٖ خَبِيْرٌۢ بَصِيْرٌ ﴿٢٧﴾

(٢٧) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن لاءِ رزق (۽ نعمتون) ڪشاديون ۽ عام جام ڪري ڇڏي ها ته ماڻهو (بي پرواهه تي عيش عشرت، سستي ۽ گناهن ۾) ملڪ ۾ مانداڻ مچائي ڏين ها. پر هو (پنهنجي حڪمت موجب رزق ۽ نعمتون) اوتري قدر نازل ڪري ٿو جيتري قدر چاهي ٿو (۽ مناسب ٿو سمجهي) بيشڪ هو پنهنجي ٻانهن جي پوري پوري خبر رکندڙ آهي ۽ ڪين چڱيءَ طرح ڏسي ۽ جانچي ٿو.

وَهُوَ الَّذِيْ يُنَزِّلُ الْغَيْثَ مِنْۢ بَعْدِ مَا قَنَطُوْا وَيَنْشُرُ رَحْمَتَهٗ ؕ وَهُوَ الْوَلِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿۲۸﴾

(٢٨) ۽ هو اهوئي آهي جو ماڻهن جي نااميد ٿيڻ بعد مينهن وسائي ٿو ۽ پنهنجي رحمت پکيڙي ٿو. ۽ ڪارساز ۽ سڀ ساراهه جو لائق آهي.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَثَّ فِيْهِمَا مِنْ دَآبَّةٍ ؕ وَهُوَ عَلٰى جَمْعِهِمْ اِذَا يَشَآءُ قَدِيْرٌ ﴿۲۹﴾ ع

(٢٩) ۽ سندس نشانين مان هڪ وڏي نشاني آهي هنن آسمانن ۽ زمين جو خلقڻ ۽ انهن ساهه وارن جي خلقڻ جيڪي انهن ۾ (يعني آسمان ۽ زمين ۾) پکيڙي ڇڏيا اٿس. ۽ هن کي اها قدرت آهي ته جڏهن چاهي تڏهن انهن سيني کي هڪ هنڌ گڏ ڪري.

رکوع 4

**مصيبتون اسان جي عملن جي نتيجو آهن. ٻين سان مشورو ڪرڻ.**

وَمَآ اَصَابَكُمْ مِّنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَيْدِيْكُمْ وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ ﴿۳۰﴾

(٣٠) ۽ توهان کي جيڪا مصيبت پهچي ٿي سا نتيجو آهي انهيءَ جو جيڪي توهان جي ئي هٿن ڪمايو آهي (يعني توهان جي ئي بدعملن جو نتيجو آهي). الله تعاليٰ ته گهڻيون ئي برائيون معاف ڪري ٿو ڇڏي.

وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ فِي الْاَرْضِ ۚ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿۳۱﴾

(٣١) ۽ (ياد رکو ته جيڪڏهن توهان گناهه ۽ ظلم نه ڇڏيندؤ ته) توهان ملڪ ۾ (الله تعاليٰ کان) ڏاڍا ڪونه ٿيندؤ (نڪي سندس رٿن کي روڪي سگهندؤ، نه ڪي عذاب کان ڇٽي ويندؤ) ۽ (ياد رکو ته) الله کان سواءِ اوهان جو ڪوبه ڪارساز ۽ مددگار ڪونه ٿيندو.

وَمِنْ اٰيٰتِهِ الْجَوَارِ فِي الْبَحْرِ كَالْاَعْلَامِ ﴿۳۲﴾

(٣٢) ۽ سندس نشانين مان هڪ نشاني آهي سمنڊ ۾ هلندڙ جهاز، جي جبلن جهڙا (اتاهان ڏسڻ ۾ ايندا) آهن.

اِنْ يَّشَاْ يُسْكِنِ الرِّيْحَ فَيَظْلَلْنَ رَوَاكِدَ عَلٰى ظَهْرِهٖ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿۳۳﴾

(٣٣) جيڪڏهن هو چاهي ته هوا کي بيهاري ڇڏي. پوءِ اهي جهاز سمنڊ جي مٿاڇري تي (مردن وانگر) بيهي رهندا. انهيءَ ڳالهه ۾ يقيناً وڏيون (عبرت وٺڻ جهڙيون) نشانيون آهن انهن سيني لاءِ جيڪي صبر ۽ اورچائي وارا آهن ۽ (خدا جي نتيجن جو) قدر ڪندڙ آهن.

اَوْ يُوْبِقْهُنَّ بِمَا كَسَبُوْا وَيَعْفُ عَنْ كَثِيْرٍ ﴿۳۴﴾

(٣٤) يا (هيئن ٿئي جو) هو انهن جهازن کي (طوفان جي وسيلي ڀڃي يا ٻوڙي) فنا ڪري ڇڏي (۽ ان ۾ چڙهيل ماڻهو غرق ٿي وڃن) هن ڪري جو هنن (غفلت ڪئي هئي ۽) بدعمل ڪيا هئا، ۽ (ياد رکو ته) هو ته گهڻيون ئي برائيون معاف به ڪري ٿو ڇڏي.

وَّيَعْلَمَ الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا ؕ مَا لَهُمْ مِّنْ مَّحِيْصٍ ﴿۳۵﴾

(٣٥) ۽ انهن (بد) ماڻهن کي جيڪي اسان جي نشانين ۽ حڪمن بابت جهڳڙا ٿا ڪن ڄاڻڻ گهرجي ته هنن جي لاءِ ڀڄي ڇٽڻ جو ڪوبه چارو ڪونهي.

فَمَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ

(٣٦) سو (ياد رکو ته) جيڪي شيون اوهان کي ڏنيون ويون آهن، سي هن دنيا جي زندگيءَ جو سامان آهن. پر جيڪي الله وٽ آهي سو انهن ماڻهن

عَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿۳۶﴾

لاءِ گهڻو بهتر ۽ وڌيڪ جٽاءُ ڪندڙ آهي، جيڪي ايمان وارا آهن ۽ (حق جي راهہ تي هلڻ ۾) پنهنجي پروردگار تي ڀروسو رکندڙ آهن.

وَالَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰٓئِرَ الْاِثْمِ وَالْفَوَاحِشَ وَاِذَا مَا غَضِبُوْا هُمْ يَغْفِرُوْنَ ﴿۳۷﴾

(۳۷) ۽ جيڪي وڏن گناهن ۽ بي حيائيءَ جي ڪمن کان پري ڀڄندڙ آهن ۽ جڏهن هو (ڪنهن جي اڳرائي کان) ڪاوڙ ۾ اچي ٿا وڃن تہ (ڪاوڙ ڪي ماري اڳرائي ڪندڙ کي) معاف ڪري ٿا ڇڏين (۽ اڳرائين کي روڪين ٿا).

وَالَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِرَبِّهِمْ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ۪ وَاَمْرُهُمْ شُوْرٰى بَيْنَهُمْ ۪ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿۳۸﴾

(۳۸) ۽ جيڪي پنهنجي پروردگار جا حڪم مڃين ٿا ۽ نماز جو نظام قائم رکن ٿا ۽ پنهنجا ڪم ڪاريون ۽ معاملا هڪٻئي سان مشورا ڪري سرانجام ڪن ٿا ۽ جيڪي اسان کين ڏيون ٿا تنهن کي خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪن ٿا.

وَالَّذِيْنَ اِذَآ اَصَابَهُمُ الْبَغْيُ هُمْ يَنْتَصِرُوْنَ ﴿۳۹﴾

(۳۹) ۽ جيڪي جڏهن مٿن ڪو ظلم ڪيو ٿو وڃي تڏهن (دبجي گهر جي ڪنڊ ۾ نٿا ويهي رهن، پر مردانگيءَ سان مقابلو ٿا ڪن ۽) پنهنجي مدد ۽ بچاءُ ٿا ڪن.

وَجَزٰٓؤُا سَيِّئَةٍ سَيِّئَةٌ مِّثْلُهَا ۚ فَمَنْ عَفَا وَاَصْلَحَ فَاَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ۭ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۰﴾

(۴۰) ۽ (ياد رکو تہ جڏهن حقي بدلو وٺو تڏهن) ايذاءَ يا نقصان جو بدلو بہ اهڙوئي ۽ اوترو ئي ايذاءُ يا نقصان هئڻ گهرجي (نہ وڌيڪ). پر جيڪڏهن ڪو معاف ڪري ڇڏي ۽ (ان سان گڏ) سڌارو ۽ ٺاهہ بہ ڪري ڇڏي تہ هن کي الله وٽان اجر ملندو يقيناً الله تعاليٰ ظالمن کي ناپسند ٿو ڪري.

وَلَمَنِ انْتَصَرَ بَعْدَ ظُلْمِهٖ فَاُولٰٓئِكَ مَا عَلَيْهِمْ مِّنْ سَبِيْلٍ ﴿۴۱﴾

(۴۱) پر جيڪڏهن ڪي ماڻهو (پاڻ تي) ظلم ٿيڻ بعد پنهنجي بچاءَ لاءِ مقابلو ڪن ۽ مدد وٺن تہ پوءِ مٿن بيشڪ ڪا بہ ميار ڪانهي.

اِنَّمَا السَّبِيْلُ عَلَى الَّذِيْنَ يَظْلِمُوْنَ النَّاسَ وَيَبْغُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ۭ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۴۲﴾

(۴۲) يقيناً ڏوهہ انهن تي آهي جيڪي ماڻهن تي ظلم ٿا ڪن ۽ ڪنهن بہ حق کان سواءِ ملڪ ۾ مانداڻ مچائي ٿا ڏين انهن جي لاءِ سخت عذاب تيار رکيو آهي.

وَلَمَنْ صَبَرَ وَغَفَرَ اِنَّ ذٰلِكَ لَمِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ﴿۴۳﴾

(۴۳) پر جيڪڏهن ڪو (مظلوم) صبر اختيار ڪري ۽ معافي ڏيئي ڇڏي تہ يقيناً اهو وڏي همت (۽ فراخدليءَ) جو ڪم آهي.

### رکوع 5

**الله جي راهہ وٺڻ لاءِ ترغيب ۽ نہ وٺڻ متعلق ترهيب.**

وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ وَّلِيٍّ مِّنْ بَعْدِهٖ ۭ وَتَرَى الظّٰلِمِيْنَ لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ يَقُوْلُوْنَ هَلْ اِلٰى مَرَدٍّ مِّنْ سَبِيْلٍ ﴿۴۴﴾

(۴۴) ۽ جنهن کي الله تعاليٰ (سندس ضد سببان) گمراهہ ڪري ٿو ڇڏي تنهن جي لاءِ ان کان پوءِ ڪوبہ ڪارساز ڪونهي. ۽ (اي پيغمبر) تون ظالمن کي ڏسندين تہ جڏهن عذاب اکين اڳيان اچي ويندن تڏهن هو (پريشان ٿي) پڇندا تہ پنتي موٽڻ لاءِ ڪو چارو آهي يا نہ؟

وَتَرٰىهُمْ يُعْرَضُوْنَ عَلَيْهَا خٰشِعِيْنَ مِنَ الذُّلِّ يَنْظُرُوْنَ مِنْ طَرْفٍ خَفِيٍّ ؕ وَقَالَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ الْخٰسِرِيْنَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَاَهْلِيْهِمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اَلَآ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ فِيْ عَذَابٍ مُّقِيْمٍ ﴿٤٥﴾

(٤٥) ۽ (اي پيغمبر!) تون هنن کي ڏسندين تہ جڏهن عذاب ڏانهن آندا ويندا تڏهن (هنن جو تڪبر هليو ويندو) هو انهيءَ ذلت جي ڪري ڏاڍا نماڻا ٿي ويندا (اڪيون هيٺ هونديون رکو) مخفي طرح هيڏي هوڏي نهاريندا. ۽ جن ايمان آندو آهي سي (ان وقت) چوندا تہ سچ پچ نقصان هيٺ آيل اهي آهن جن قيامت جي ڏينهن پاڻ کي ۽ پنهنجي ماڻهن کي (هن دنيا ۾ بدعمل ڪرڻ ۽ ڪرائڻ سببان) نقصان هيٺ آندو آهي. ڏسو ظالم دائمي عذاب ۾ گرفتار رهندا.

وَمَا كَانَ لَهُمْ مِّنْ اَوْلِيَآءَ يَنْصُرُوْنَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ سَبِيْلٍ ؕ﴿٤٦﴾

(٤٦) ۽ هنن (ظالمن) جي لاءِ الله کان سواءِ ڪي بہ اولياءَ (يا ڪارساز) ڪونہ هوندا جي ڪين ڪٽي ڪا مدد ڪن. ۽ جنهن کي الله تعاليٰ گمراه ڪري ٿو ڇڏي تنهن جي لاءِ (ڪاميابيءَ يا عذاب کان ڇٽڻ جو) ڪوبہ چارو ڪونهي.

اِسْتَجِيْبُوْا لِرَبِّكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا مَرَدَّ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ ؕ مَا لَكُمْ مِّنْ مَّلْجَاٍ يَّوْمَئِذٍ وَّمَا لَكُمْ مِّنْ نَّكِيْرٍ ﴿٤٧﴾

(٤٧) (اي انسانو!) پنهنجي پروردگار جي حڪمن جي تعميل ڪيو انهيءَ کان اڳي جو اهو (عذاب جو) ڏينهن الله وٽان اچي وڃي، جو هرگز ٽري نہ سگهندو. انهيءَ ڏينهن اوهان جي لاءِ ڪابہ پناه جي جاءِ ڪانہ هوندي، نڪي توهان (پنهنجي گناهن جو) انڪار ڪري سگهندو (نڪي ڪي عذر پيش ڪري سگهندؤ).

فَاِنْ اَعْرَضُوْا فَمَآ اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا ؕ اِنْ عَلَيْكَ اِلَّا الْبَلٰغُ ؕ وَاِنَّآ اِذَآ اَذَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنَّا رَحْمَةً فَرِحَ بِهَا ۚ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ فَاِنَّ الْاِنْسَانَ كَفُوْرٌ ﴿٤٨﴾

(٤٨) (خبردار ڪرڻ کان) پوءِ بہ جيڪڏهن اهي ماڻهو پٺي ڏيئي هليا وڃن (۽ حق جي راه تي نہ اچن) تہ پوءِ (ياد رک تہ) اسان توکي (اي پيغمبر!) هنن جي مٿان نگهبان ڪري ڪونہ موڪليو آهي. تنهنجي ذمي آهي فقط حڪم پهچائڻ، ۽ جڏهن اسان انسان کي پنهنجي رحمت جو مزو چکايون ٿا تڏهن هو (انهن نعمتن کي پنهنجي چالاڪيءَ جو نتيجو سمجهي انهن نعمتن تي خوشيون ٿو ملهائي (۽ فخر ٿو ڪري) ۽ جيڪڏهن هنن تي ڪا مصيبت سندن ئي بدعملن جي ڪري اچي ڪڙڪي ٿي تہ پوءِ (مايوس ٿي پون ٿا) ڏسو تہ انسان بيشڪ ڏاڍو بي شڪر آهي.

لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّيَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ الذُّكُوْرَ ۙ﴿٤٩﴾

(٤٩) آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي آهي، جيڪي چاهي ٿو سو خلقي ٿو. جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن کي ڌيئر ڏيئي ٿو ۽ جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن کي پٽ ڏيئي ٿو.

اَوْ يُزَوِّجُهُمْ ذُكْرَانًا وَّاِنَاثًا ۚ وَيَجْعَلُ مَنْ يَّشَآءُ عَقِيْمًا ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ ﴿٥٠﴾

(٥٠) يا تہ هنن کي پٽ ۽ ڌيئر ٻئي ٿو ڏئي. ۽ جنهن (عورت) کي چاهي ٿو تنهن کي سنڍ ڪري ٿو ڇڏي (جو پوءِ سندس پٽ يا ٻار نٿو ٿئي) الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ هر ڪا قدرت رکندڙ آهي.

وَمَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّكَلِّمَهُ اللّٰهُ اِلَّا وَحْيًا اَوْ مِنْ وَّرَآئِ حِجَابٍ اَوْ يُرْسِلَ رَسُوْلًا فَيُوْحِيَ بِاِذْنِهٖ مَا يَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ عَلِيٌّ حَكِيْمٌ ﴿۵۱﴾

(٥١) ۽ ڪوبہ ماڻهو انهيءَ جي لائق ناهي تہ الله تعاليٰ ساڻس ڳالهائي سواءِ وحي جي رستي يا پردي جي پٺيان يا ڪو رسول موڪلي، ۽ جيڪي چاهي سو پنهنجي حڪم سان (انهيءَ رسول ڏي) وحي طور چوائي موڪلي. يقيناً هو سيني ڪان مٿانهون ۽ سيني ڪان وڏو حڪمت وارو آهي.

وَكَذٰلِكَ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ رُوْحًا مِّنْ اَمْرِنَا ؕ مَا كُنْتَ تَدْرِيْ مَا الْكِتٰبُ وَلَا الْاِيْمَانُ وَلٰكِنْ جَعَلْنٰهُ نُوْرًا نَّهْدِيْ بِهٖ مَنْ نَّشَآءُ مِنْ عِبَادِنَا ؕ وَاِنَّكَ لَتَهْدِيْۤ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۵۲﴾

(٥٢) ۽ اهڙيءَ طرح (اي پيغمبر!) اسان توڏي پنهنجا حڪم وحي رستي موڪيا آهن. توڪي تہ اڳي خبر بہ ڪانہ هئي تہ ڪتاب ڇا آهي ۽ ايمان ڇا آهي؟ پر اسان ان (ڪتاب ۽ ايمان) ڪي نور ۽ روشني ڪيو آهي، جنهن سان پنهنجي ٻانهن مان جنهن ڪي چاهيون ٿا تنهن ڪي سڌيءَ واٽ تي لڳايون ٿا. ۽ يقيناً تون (ماڻهن ڪي) سڌي واٽ ڏيکاري رهيو آهين.

صِرَاطِ اللّٰهِ الَّذِيْ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ اَلَاۤ اِلَى اللّٰهِ تَصِيْرُ الْاُمُوْرُ ﴿۵۳﴾

(٥٣) انهيءَ الله جي واٽ (ڏيکاري رهيو آهين) جو مالڪ آهي (هر شيءِ ۽ هر ساهہ دار جو) جيڪو بہ آسمان ۽ زمين ۾ آهي. ياد رکو تہ سڀ ڳالهيون ۽ معاملا آخر الله ڏانهن رجوع ٿيندا.

## سورة الزخرف—مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

### رڪوع 1

**ڪافر بہ سندس قدرت ۽ علم جو اعتراف ڪن ٿا ڪن، تنهن هوندي بہ قرآن جو قدر نٿا ڪن**

حٰمٓ ﴿۱﴾

(١) حا — ميم

وَالْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿۲﴾

(٢) هي چٽائي ڪندڙ ڪتاب خود شاهد آهي (تہ منجهس ڏنل حقيقتون سچيون آهن.)

اِنَّا جَعَلْنٰهُ قُرْءٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۳﴾

(٣) اسان ان ڪي عربي قرآن انهيءَ لاءِ ڪيو آهي تہ توهان سمجهو (۽ حقيقتون معلوم ڪري انهن تي عمل ڪيو).

وَاِنَّهٗ فِيْۤ اُمِّ الْكِتٰبِ لَدَيْنَا لَعَلِيٌّ حَكِيْمٌ ﴿۴﴾

(٤) ۽ يقيناً اهو (قرآن مجيد) انهيءَ ڪتاب جي ماءُ (يعني اصلوڪي خدائي فطرت ۽ قانون) ۾ آهي جو اسان وٽ (لوح محفوظ ۾) موجود آهي ۽ بلڪل بلند مرتبي وارو ۽ حڪمت سان پريل آهي.

اَفَنَضْرِبُ عَنْكُمُ الذِّكْرَ صَفْحًا اَنْ كُنْتُمْ قَوْمًا مُّسْرِفِيْنَ ﴿۵﴾

(٥) توهان جو (نافرمانيءَ ۾) ليڪو لنگهي ٻيهندڙ ماڻهو ٿي پيا آهيو تنهن ڪري اسان پنهنجو پيغام (يعني نصيحتن سان پريل قرآن مجيد) توهان ڪان روڪي ڇڏيون ڇا ۽ توهان ڪي مردود ڪري ڇڏيون ڇا؟ (نہ نہ اسان تڏهن بہ رحم ڪري توهان ڪي نصيحتون ڏيندا رهنداسين تہ من توهان مان ڪي تہ فيض وٺن.)

وَ كَمْ اَرْسَلْنَا مِنْ نَّبِيٍّ فِي الْاَوَّلِيْنَ ﴿٦﴾

(٦) ۽ (ياد رکو تہ اسان پنھنجي رحمت سان) کيترائي نبي سڳورا اڳوڻن ماڻھن ۾ بہ موڪليا ھئا.

وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ نَّبِيٍّ اِلَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٧﴾

(٧) ۽ (ھيءَ حقيقت آھي تہ) جڏھن جڏھن انھن ڏي ڪو نبي سڳورو آيو تڏھن تڏھن ھنن مٿس ٺٺوليون ۽ چٿرون ڪيون.

فَاَهْلَكْنَآ اَشَدَّ مِنْهُمْ بَطْشًا وَّمَضٰى مَثَلُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٨﴾

(٨) نتيجو ھي ٿيو جو اسان ھنن (قريشن) کان زور وارن ماڻھن کي تباھ ڪري ڇڏيو. ۽ (اھڙي طرح) اڳوڻن جي مثال گذري چڪو آھي (جنھن مان اسانکي سبق وٺڻ گھرجي.)

وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ خَلَقَهُنَّ الْعَزِيْزُ الْعَلِيْمُ ﴿٩﴾ ۙ

(٩) ۽ (اي پيغمبر) جيڪڏھن تون ھنن کان پڇين تہ ڪنھن آسمانن ۽ زمين کي خلقيو آھي تہ ھو ضرور چوندا تہ انھن کي وڏي قدرت واري ۽ وڏي علم واري (الله) خلقيو آھي.

الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ مَهْدًا وَّجَعَلَ لَكُمْ فِيْهَا سُبُلًا لَّعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٠﴾ ۚ

(١٠) اي ڪافرؤ! ايترو تہ قبول تا ڪيو پر تہ بہ الله جي رحمت جو قدر نٿا ڪيو) جنھن اوھان جي لاءِ زمين کي (غاليچي وانگر) پکيڙيو آھي، ۽ ان ۾ اوھان جي لاءِ رستا ٺاھيا اٿس انھيءَ لاءِ تہ توھان (پنھنجي منزل ڏانھن) واٽ لھو (۽ ڀلجي نہ وڃو).

وَالَّذِيْ نَزَّلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءًۢ بِقَدَرٍ ۚ فَاَنْشَرْنَا بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا ۚ كَذٰلِكَ تُخْرَجُوْنَ ﴿١١﴾

(١١) ۽ جو آسمان مان قدر سان مينھن ٿو وسائي. پوءِ اسان ان جي وسيلي مئل (خشڪ) زمين کي اٿاري زنده ڪري ٿا ڇڏيون. اھڙيءَ طرح توھان بہ ٻاھر ڪييا ويندؤ. (يعني ھن ئي دنيا ۾ قرآن مجيد تي عمل ڪرڻ سان زنده دل ٿي ويندؤ يا قيامت جي ڏينھن قبرن مان ٻاھر ڪڍي جيئرا ڪري اٿاريا ويندؤ).

وَالَّذِيْ خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا وَجَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الْفُلْكِ وَالْاَنْعَامِ مَا تَرْكَبُوْنَ ﴿١٢﴾ ۙ

(١٢) ۽ جنھن سيني شين کي جوڙين ۾) پيدا ڪيو آھي، ۽ اوھان جي لاءِ جھاز ۽ ڍور ڍڳا پيدا ڪيا اٿس جن تي توھان سواري تا ڪيو.

لِتَسْتَوٗا عَلٰى ظُهُوْرِهٖ ثُمَّ تَذْكُرُوْا نِعْمَةَ رَبِّكُمْ اِذَا اسْتَوَيْتُمْ عَلَيْهِ وَتَقُوْلُوْا سُبْحٰنَ الَّذِيْ سَخَّرَ لَنَا هٰذَا وَمَا كُنَّا لَهٗ مُقْرِنِيْنَ ﴿١٣﴾ ۙ

(١٣) انھيءَ لاءِ تہ توھان انھن جي پٺيءَ تي محڪم ٿي ويھو، ۽ پوءِ جڏھن انھن تي محڪم ٿي ويھو تڏھن پنھنجي پروردگار جو فضل ياد ڪيو ۽ چئو تہ، وڏو شان آھي انھيءَ جو جنھن اسان جي لاءِ ھنن کي تابع ڪري ڏنو، ۽ اسان پنھنجي طاقت سان ھنن کي ھرگز تابع ڪري نہ سگھون ھا.

وَاِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُوْنَ ﴿١٤﴾

(١٤) ۽ يقيناً اسان (آخر) پنھنجي پرودگار ڏي موٽڻا آھيون،

وَجَعَلُوْا لَهٗ مِنْ عِبَادِهٖ جُزْءًا ۭ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَكَفُوْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٥﴾ ۭ

(١٥) ۽ (افسوس جو الله جي ايترين نعمتن ھوندي بہ) ھي ماڻھو الله سان سندن (خليقل) ٻانھن مان ڪن کي جزو يا حصو ٺھرائين ٿا، بيشڪ انسان ظاھرظھور بي شڪر آھي (۽ خدا جي نعمتن جو قدر نٿو ڪري).

## رکوع 3

## مکي جي ڪافرن جا خيال ۽ روشون

اَمِ اتَّخَذَ مِمَّا يَخۡلُقُ بَنٰتٍ وَّ اَصۡفٰىكُمۡ بِالۡبَنِيۡنَ ﴿۱۶﴾

(١٦) يا (اي ڪافرؤ توهان جو هي خيال آهي ڇا تہ) الله تعاليٰ پنهنجي مخلوق مان ڪن کي پنهنجون ڌيئر ڪيو اٿس ۽ اوهان کي (اوهان جي پسنديءَ مطابق) پٽ ڏنا اٿس.

وَاِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمۡ بِمَا ضَرَبَ لِلرَّحۡمٰنِ مَثَلًا ظَلَّ وَجۡهُهٗ مُسۡوَدًّا وَّهُوَ كَظِيۡمٌ ﴿۱۷﴾

(١٧) ۽ (حقيقت تہ هي آهي تہ) جڏهن هنن مان ڪنهن کي (ڌيءُ جي ڄمڻ جي) خبر ڏني وڃي ٿي، انهيءَ جي جيڪي هو رحمان خدا سان منسوب ڪري ٿو (تہ هن کي ڌيئرون آهن)، تڏهن سندس منهن ڪارو ٿي وڃي ٿو، ۽ هو دل ئي دل ۾ گهٽجي وڃي ٿو.

اَوَمَنۡ يُّنَشَّؤُا فِى الۡحِلۡيَةِ وَهُوَ فِى الۡخِصَامِ غَيۡرُ مُبِيۡنٍ ﴿۱۸﴾

(١٨) ڇا اها (ڇوڪري) جيڪا زيورن (۽ گڏين) ۾ پلجي ٿي ۽ جا بحث مباحثي ۾ صاف طور ڳالهہ بہ ڪري نٿي سگهي (سا خدا کي خاص طرح پسند آهي؟)

وَجَعَلُوا الۡمَلٰٓئِكَةَ الَّذِيۡنَ هُمۡ عِبٰدُ الرَّحۡمٰنِ اِنَاثًا ؕ اَشَهِدُوۡا خَلۡقَهُمۡ ؕ سَتُكۡتَبُ شَهَادَتُهُمۡ وَيُسۡـئَلُوۡنَ ﴿۱۹﴾

(١٩) ۽ هنن (ڪافرن) ملائڪن کي جيڪي رحمان خدا جا ٻانها آهن عورتون ٺهرايو آهي. ڇا هنن (ڪافرن انهن ملائڪن جي) خلقت روبرو ڏٺي هئي؟ (يعني جڏهن ملائڪ خلقيا ويا هئا تڏهن اهي ڪافر بروقت اتي موجود هئا ڇا؟) هنن جي اها شاهدي يا عقيدو (تہ ملائڪ عورتون آهن سندن اعمال نامي ۾) لکيو ويندو ۽ (ان بابت) ڪانئن پڇاڻو ٿيندو.

وَقَالُوۡا لَوۡ شَآءَ الرَّحۡمٰنُ مَا عَبَدۡنٰهُمۡ ؕ مَا لَهُمۡ بِذٰلِكَ مِنۡ عِلۡمٍ ۚ اِنۡ هُمۡ اِلَّا يَخۡرُصُوۡنَ ﴿۲۰﴾

(٢٠) ۽ اهي (ڪافر) چوندا آهن تہ جيڪڏهن رحمان خدا چاهي ها تہ اسان انهن (ٻين ديوتائن يا بتن وغيره کي) نہ پوڄيون ها، هن بابت هنن کي ڪوبہ علم ڪونهي. هو فقط ڪوڙا دليل پيش ٿا ڪن.

اَمۡ اٰتَيۡنٰهُمۡ كِتٰبًا مِّنۡ قَبۡلِهٖ فَهُمۡ بِهٖ مُسۡتَمۡسِكُوۡنَ ﴿۲۱﴾

(٢١) يا (هيئن آهي ڇا تہ) اسان هن کان اڳي هنن کي ڪو ڪتاب ڏنو آهي جو هو ان تي محڪم آهن؟

بَلۡ قَالُوۡۤا اِنَّا وَجَدۡنَاۤ اٰبَآءَنَا عَلٰٓى اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰٓى اٰثٰرِهِمۡ مُّهۡتَدُوۡنَ ﴿۲۲﴾

(٢٢) ائين ناهي بلڪ حقيقت هيءَ آهي تہ هو چوندا آهن تہ اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي دين جي هڪڙي طريقي تي ڏٺو ۽ اسان انهن جي ئي نقش قدم تي هلي رهيا آهيون.

وَكَذٰلِكَ مَاۤ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ قَبۡلِكَ فِىۡ قَرۡيَةٍ مِّنۡ نَّذِيۡرٍ اِلَّا قَالَ مُتۡرَفُوۡهَاۤ ۙ اِنَّا وَجَدۡنَاۤ اٰبَآءَنَا عَلٰٓى اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰٓى اٰثٰرِهِمۡ مُّقۡتَدُوۡنَ ﴿۲۳﴾

(٢٣) ۽ اهڙيءَ ئي طرح اسان جڏهن بہ ڪو خبردار ڪندڙ (نبي سڳورو) توکان اڳي ڪنهن بستيءَ يا شهر ۾ موڪليو تڏهن ان شهر جي آسائشي ماڻهن چئي ڏنو تہ اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي دين جي هڪڙي طريقي تي ڏٺو ۽ اسان بہ انهن جي نقش قدم تي هلي رهيا آهيو.

قٰلَ اَوَلَوْ جِئْتُكُمْ بِاَهْدٰى مِمَّا وَجَدْتُّمْ عَلَيْهِ اٰبَآءَكُمْ ؕ قَالُوْٓا اِنَّا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿۲۴﴾

(٢٤) (انهن جي پيغمبر کين) چيو تہ ڇا (توهان وڏن جي غلط خيالن ۽ رسمن تي ڄميا رهندؤ) اگرچہ مان توهان ڏي بهتر هدايت کڻي آيو آهيان انهيءَ کان جنهن تي توهان پنهنجي ابن ڏاڏن کي هلندي ڏٺو؟ هنن (ڪافرن) جواب ۾ چيو تہ جيڪا هدايت اوهان پيغمبرن آندي آهي تنهن کي اسان بلڪل ڪونہ ٿا مڃون.

فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿۲۵﴾

(٢٥) سو اسان هنن کي (سندن بدعملن جي) بدلي ۾ سزا ڏني. پوءِ ڏسو تہ (حق کي) ڪوڙو ٺهرائيندڙن جي پڇاڙي ڪهڙي نہ خراب ٿي!

## رکوع 3

**دنيا ۾ شاهوڪاري ۽ طاقت روحاني خوشين جي ڀيٽ ۾ ڪجھ بہ نا هن.**

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖٓ اِنَّنِيْ بَرَآءٌ مِّمَّا تَعْبُدُوْنَ ۙ ﴿۲۶﴾

(٢٦) ۽ ياد رکو تہ حضرت ابراهيم پنهنجي پيءُ کي ۽ پنهنجي قوم جي ماڻهن کي چيو هو تہ جن (بتن ۽ ستارن وغيره) جي توهان پوڄا ٿا ڪيو تن کان مان بيزار آهيان.

اِلَّا الَّذِيْ فَطَرَنِيْ فَاِنَّهٗ سَيَهْدِيْنِ ﴿۲۷﴾

(٢٧) مان تہ فقط انهيءَ (الله) جي ٻانهپ ڪندس، جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي. هو يقيناً مون کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) سڌيءَ واٽ تي لڳائيندو.

وَجَعَلَهَا كَلِمَةًۢ بَاقِيَةً فِيْ عَقِبِهٖ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿۲۸﴾

(٢٨) ۽ هو اهائي نصيحت پنهنجي پٺيان ڇڏي ويو آهي تہ من (سندس پويان يعني عرب ۽ بني اسرائيل) خدا ڏي رجوع ٿين.

بَلْ مَتَّعْتُ هٰٓؤُلَآءِ وَاٰبَآءَهُمْ حَتّٰى جَآءَهُمُ الْحَقُّ وَرَسُوْلٌ مُّبِيْنٌ ﴿۲۹﴾

(٢٩) حقيقت هيءَ آهي تہ مان هنن (قريشن) کي ۽ سندن ابن ڏاڏن کي دنيائي نعمتون ڏيندو رهيو آهيان (اگرچہ حق کان ڦري ويا آهن) تان جو هنن وٽ وري حق اچي ويو آهي ۽ حقيقتن کي چٽو ڪندڙ رسول وٽن اچي چڪو آهي.

وَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ وَّاِنَّا بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿۳۰﴾

(٣٠) پر (هو تہ اهڙا بي شڪر آهن جو) جڏهن وٽن حق اچي چڪو آهي تڏهن چوڻ لڳا آهن تہ هيءُ جادو آهي (۽ ڪوڙ آهي) ۽ اسان ان کي ڪونہ ٿا مڃيون.

وَقَالُوْا لَوْلَا نُزِّلَ هٰذَا الْقُرْاٰنُ عَلٰى رَجُلٍ مِّنَ الْقَرْيَتَيْنِ عَظِيْمٍ ﴿۳۱﴾

(٣١) ۽ هو چون ٿا تہ هيءُ قرآن ڇو نہ هنن ٻن (مڪيہ) شهرن جي ڪنهن وڏي (شاهوڪار يا سردار) تي نازل ڪيو ويو.

اَهُمْ يَقْسِمُوْنَ رَحْمَتَ رَبِّكَ ؕ نَحْنُ قَسَمْنَا بَيْنَهُمْ مَّعِيْشَتَهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَرَفَعْنَا بَعْضَهُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ لِّيَتَّخِذَ

(٣٢) ڇا هي (هنيلا) ماڻهو تنهنجي پروردگار جي رحمت (پنهنجي خيالن موجب) ورهائڻ ٿا چاهين؟ (هو ڏسن نٿا تہ) هن دنيا جي زندگيءَ ۾ سندن روزي، منجهن اسان ئي ورهائي آهي (ٻين کي ڪهڙي طاقت آهي جو

بَعْضُهُمْ بَعْضًا سُخْرِيًّا ۗ وَرَحْمَتُ رَبِّكَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُونَ ﴿٣٢﴾

روزي يا پيغمبري ورهائي ڏين) ۽ اسان ئي ڪن ماڻهن کي ٻين ماڻهن کان (مختلف قسم جي) درجن ۾ مٿي رکيو آهي. انهيءَ لاءِ ته ڪي ماڻهو ٻين کان (چڱا) ڪم وٺن. ۽ (اي پيغمبر!) تنهنجي پروردگار جي رحمت انهيءَ دنيا ئي دولت کان گهڻو بهتر آهي جا اهي (ڪافر) ماڻهو گڏ ڪندا رهن ٿا.

وَلَوْلَا أَن يَكُونَ النَّاسُ أُمَّةً وَاحِدَةً لَّجَعَلْنَا لِمَن يَكْفُرُ بِالرَّحْمَٰنِ لِبُيُوتِهِمْ سُقُفًا مِّن فِضَّةٍ وَمَعَارِجَ عَلَيْهَا يَظْهَرُونَ ﴿٣٣﴾

(٣٣) ۽ (دنيا ئي دولت بذات خود ڪجهه به ناهي) جيڪڏهن ائين نه هجي ها جو (دولت جي هئڻ سببان) سڀ ماڻهو هڪ (بدڪار) امت ٿي وڃن ها ته اسان انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي رحمان خدا کي نٿا مڃن سندن گهرن جون ڇتيون به چانديءَ جون ڪري ڇڏيون ها ۽ اهي ڏاڪڻيون جن تي چڙهن ٿا سي به چانديءَ جون ڪري ڇڏيون ها.

وَلِبُيُوتِهِمْ أَبْوَابًا وَسُرُرًا عَلَيْهَا يَتَّكِئُونَ ﴿٣٤﴾

(٣٤) ۽ سندن گهرن جا دروازا ۽ اهي تخت (يا ڪوچ) جن تي ٽيڪ ڏئي ويهن ٿا (سي به چانديءَ جا ڪري ڇڏيون ها.)

وَزُخْرُفًا ۚ وَإِن كُلُّ ذَٰلِكَ لَمَّا مَتَاعُ الْحَيَاةِ الدُّنْيَا ۚ وَالْآخِرَةُ عِندَ رَبِّكَ لِلْمُتَّقِينَ ﴿٣٥﴾

(٣٥) ۽ پڻ ڪين سونا زيور يا سينگار جا سامان ڏئي ڇڏيون ها. پر اهي سڀ، ڪجهه به ناهن. رڳو هن دنيا جي (توري) زندگيءَ جو سامان آهن. ۽ آخرت (جون حقيقي ۽ پائيدار نعمتون) الله تعاليٰ وٽ فقط انهن لاءِ آهن جيڪي پرهيزگار آهن (۽ الله جي راهه تي هلندڙ آهن).

## رڪوع 4

**جيڪي شيطان جي پيرويءَ ۾ انڌا ٿي ويا آهن تن کي سڌي واٽ تي آڻڻ محال آهي.**

وَمَن يَعْشُ عَن ذِكْرِ الرَّحْمَٰنِ نُقَيِّضْ لَهُ شَيْطَانًا فَهُوَ لَهُ قَرِينٌ ﴿٣٦﴾

(٣٦) ۽ جيڪو به رحمان جي ذڪر کان (يعني قرآن مجيد تي عمل ڪرڻ کان) منهن ٿو موڙي تنهن جي لاءِ اسان هڪڙو شيطان مقرر ڪري ٿا ڇڏيون. جو هن جو سنگتي ۽ ساٿي ٿئي ٿو.

وَإِنَّهُمْ لَيَصُدُّونَهُمْ عَنِ السَّبِيلِ وَيَحْسَبُونَ أَنَّهُم مُّهْتَدُونَ ﴿٣٧﴾

(٣٧) ۽ بيشڪ اهڙا شيطان (يا برغلائيندڙ ساٿي) هنن کي (الله تعاليٰ جي) واٽ کان روڪي ٿا ڇڏين. پر هو سمجهن ٿا ته يقيناً هو سڌيءَ راهه تي هلندڙ آهن.

حَتَّىٰ إِذَا جَاءَنَا قَالَ يَا لَيْتَ بَيْنِي وَبَيْنَكَ بُعْدَ الْمَشْرِقَيْنِ فَبِئْسَ الْقَرِينُ ﴿٣٨﴾

(٣٨) تان جو جڏهن اهو (برغلايل انسان) اسان وٽ پيش ٿيندو تڏهن (برغلائيندڙ ساٿيءَ کي) چوندو ته (هي عذاب تو مون تي آندو آهي) ڪاش! تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ايترو مفاصلو هجي ها جيترو اوڀر ۽ اولهه جي وچ ۾ آهي. ڪهڙو نه بڇڙو سنگتي!.

وَلَن يَنفَعَكُمُ الْيَوْمَ إِذ ظَّلَمْتُمْ أَنَّكُمْ فِي الْعَذَابِ مُشْتَرِكُونَ ﴿٣٩﴾

(٣٩) انهيءَ ڏينهن (برغلائيندڙ سنگتيءَ تي ڏوهه ڏرڻ) اوهان کي ڪجهه به ڪم نه ايندو جڏهن ته توهان پاڻ (قرآن مجيد کي ڇڏي) ظلم جي واٽ

اختيار ڪئي هئي. يقيناً توهان (برغلايل ۽ برغلائيندڙ ٻئي ڌريون) عذاب ۾ پائيوار آهيو.

اَفَاَنْتَ تُسْمِعُ الصُّمَّ اَوْ تَهْدِی الْعُمْیَ وَ مَنْ كَانَ فِیْ ضَلٰلٍ مُّبِیْنٍ ﴿٤٠﴾

(٤٠) پوءِ (اي پيغمبر!) ڇا تون ٻوڙن کي ٻڌائي سگهندين ۽ انڌن کي واٽ ڏيکاري سگهندين ۽ انهن کي (حق جي راهه تي آڻي سگهندين) جيڪي (ضد تڪبر ۽ خودغرضيءَ سببان) چٽي پٽي گمراهيءَ ۾ آهن؟

فَاِمَّا نَذْهَبَنَّ بِكَ فَاِنَّا مِنْهُمْ مُّنْتَقِمُوْنَ ﴿٤١﴾

(٤١) پوءِ (اي پيغمبر! اگرچه اسان توکي (دنيا مان) ڪڍي وٺون ته به هنن کي ضرور (سندن بدعملن جي) بدلي ۾ سزا ڏينداسون.

اَوْ نُرِیَنَّكَ الَّذِیْ وَعَدْنٰهُمْ فَاِنَّا عَلَیْهِمْ مُّقْتَدِرُوْنَ ﴿٤٢﴾

(٤٢) يا ته توکي (تنهنجي ئي حياتيءَ ۾ ڪافرن جي اها مغلوبي يا تباهي) ڏيکارينداسين جنهن جو اسان هنن کي واعدو ڏنو آهي. يقيناً اسان هنن تي قادر ۽ غالب آهيون.

فَاسْتَمْسِكْ بِالَّذِیْۤ اُوْحِیَ اِلَیْكَ ۚ اِنَّكَ عَلٰی صِرَاطٍ مُّسْتَقِیْمٍ ﴿٤٣﴾

(٤٣) سو (اي پيغمبر! تون ڪوبه انديشو نه ڪر، ڪابه ڊرائي نه ڪر) جيڪو وحي تو ڏي موڪليو ويو آهي، تنهن تي (عمل ڪرڻ ۾ ۽ خدائي نظام قائم ڪرڻ ۾) محڪم رهه. يقيناً تون سڌيءَ واٽ تي هلي رهيو آهين.

وَاِنَّهٗ لَذِكْرٌ لَّكَ وَلِقَوْمِكَ ۚ وَسَوْفَ تُسْـَٔلُوْنَ ﴿٤٤﴾

(٤٤) ۽ يقيناً هي (قرآن) تنهنجي ۽ تنهنجي قوم جي ماڻهن لاءِ (صحيح) پيغام ۽ نصيحت آهي. ۽ جلد اوهان کان پڇاڻو ٿيندو.

وَسْـَٔلْ مَنْ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رُّسُلِنَاۤ اَجَعَلْنَا مِنْ دُوْنِ الرَّحْمٰنِ اٰلِهَةً یُّعْبَدُوْنَ ﴿٤٥﴾

(٤٥) ۽ (اي پيغمبر!) توکان اڳي جن رسولن کي اسان پيغمبر ڪري موڪليو هو تن کان پڇي ڏس (ته) رحمان خدا کان سواءِ ٻيا به ڪو معبود اسان بنايا هئا ڇا جن جي ٻانهپ ڪئي وڃي؟

رڪوع 5

**حضرت موسيٰ ۽ فرعون جو عبرتناڪ واقعو.**

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰی بِاٰیٰتِنَاۤ اِلٰی فِرْعَوْنَ وَمَلَاۡئِهٖ فَقَالَ اِنِّیْ رَسُوْلُ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿٤٦﴾

(٤٦) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان حضرت موسيٰ کي پنهنجي نشانين سان فرعون ۽ سندس سردارن ڏي موڪليو. هن (انهن وٽ وڃي) چيو ته يقيناً مان سڄي جهان جي پروردگار جو رسول آهيان.

فَلَمَّا جَآءَهُمْ بِاٰیٰتِنَاۤ اِذَا هُمْ مِّنْهَا یَضْحَكُوْنَ ﴿٤٧﴾

(٤٧) پوءِ جڏهن هنن کي اسان جون نشانيون ڏيکاريائين تڏهن هو کلڻ ۽ مسخريون ڪرڻ لڳا.

وَمَا نُرِیْهِمْ مِّنْ اٰیَةٍ اِلَّا هِیَ اَكْبَرُ مِنْ اُخْتِهَا ۫ وَاَخَذْنٰهُمْ بِالْعَذَابِ لَعَلَّهُمْ یَرْجِعُوْنَ ﴿٤٨﴾

(٤٨) ۽ اسان جيڪا به نشاني هنن کي ڏيکاري سا اڳين نشانيءَ کان وڏي هئي، ۽ اسان کين عذاب ۾ وڌو، انهيءَ لاءِ ته من خدا ڏي رجوع ٿين (۽ ظلم ڇڏي ڪري نيڪ ڪم ڪرڻ لڳن).

وَقَالُوْا یٰۤاَیُّهَ السّٰحِرُ ادْعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ

(٤٩) ۽ هنن چيو ته اي جادوگر پنهنجي پروردگار کان اسان جي لاءِ

عِنْدَكَ ۚ إِنَّنَا لَمُهْتَدُونَ ﴿٤٩﴾

دعا گهر جهڙيءَ طرح هنن توسان عهد ڪيو آهي. (جيڪڏهن عذاب ٽري ويندو ته) اسان يقيناً هدايت تي ايندا سين (۽ تنهنجو سيڪاريل دين قبول ڪندا سين.)

فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُمُ الْعَذَابَ إِذَا هُمْ يَنْكُثُونَ ﴿٥٠﴾

(٥٠) پوءِ جيڪڏهن اسان هنن تان عذاب لاهي ڇڏيو تڏهن هنن هڪدم پنهنجو عهد ٽوڙي ڇڏيو.

وَنَادَىٰ فِرْعَوْنُ فِي قَوْمِهِ قَالَ يَا قَوْمِ أَلَيْسَ لِي مُلْكُ مِصْرَ وَهَٰذِهِ الْأَنْهَارُ تَجْرِي مِنْ تَحْتِي ۖ أَفَلَا تُبْصِرُونَ ﴿٥١﴾

(٥١) ۽ فرعون پنهنجي قوم ۾ اعلان ڪري چيو ته اي منهنجي قوم جا ماڻهو! مان مصر جو بادشاه نه آهيان ڇا؟ ۽ هي نهرون منهنجي پيرن هيٺان نه ٿيون وهن ڇا؟ ڇا توهان نٿا ڏسو؟

أَمْ أَنَا خَيْرٌ مِنْ هَٰذَا الَّذِي هُوَ مَهِينٌ وَلَا يَكَادُ يُبِينُ ﴿٥٢﴾

(٥٢) ڇا مان هن (حضرت موسيٰ) کان بهتر نه آهيان جو ذليل ۽ خسيس آهي ۽ صاف طرح ڳالهائي به نٿو سگهي؟

فَلَوْلَا أُلْقِيَ عَلَيْهِ أَسْوِرَةٌ مِنْ ذَهَبٍ أَوْ جَاءَ مَعَهُ الْمَلَائِكَةُ مُقْتَرِنِينَ ﴿٥٣﴾

(٥٣) (جيڪڏهن هو عزت وارو يا پيغمبر آهي ته) پوءِ ڇو نه هن جي هٿن ۾ سونا ڪنگڻ وڌا ويا آهن، يا ڇو نه هن سان گڏ فرشتا جلوس ڪيدي تا نڪرن؟

فَاسْتَخَفَّ قَوْمَهُ فَأَطَاعُوهُ ۚ إِنَّهُمْ كَانُوا قَوْمًا فَاسِقِينَ ﴿٥٤﴾

(٥٤) اهڙيءَ طرح هن پنهنجي قوم کي بي وقوف بنايو. سو هنن سندس فرمانبرداري ڪئي. يقيناً هو (خدا سان) بي فرمان فاسق ماڻهو ٿي رهيا.

فَلَمَّا آسَفُونَا انْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَأَغْرَقْنَاهُمْ أَجْمَعِينَ ﴿٥٥﴾

(٥٥) سو جڏهن هنن اسان کي ناراض ڪيو تڏهن اسان هنن کي (سندن ظلمن جو) بدلو ڏنو ۽ هنن سڀني کي غرق ڪري ڇڏيو.

فَجَعَلْنَاهُمْ سَلَفًا وَمَثَلًا لِلْآخِرِينَ ﴿٥٦﴾

(٥٦) اهڙيءَ طرح اسان هنن کي گذري ويل قوم ڪري ڇڏيو. ۽ پوين لاءِ (عبرت وٺڻ جو) مثال قائم ڪيو.

## رڪوع 6

### حضرت عيسيٰ جي تبليغ ۽ ان جي پوئلڳن پاڻ اختلاف ڪيا.

وَلَمَّا ضُرِبَ ابْنُ مَرْيَمَ مَثَلًا إِذَا قَوْمُكَ مِنْهُ يَصِدُّونَ ﴿٥٧﴾

(٥٧) ۽ جڏهن (حضرت عيسيٰ) ابن مريم جو حال بيان ڪيو ٿو وڃي تڏهن (پيغمبر!) تنهنجي قوم جا ماڻهو شور مچائين ٿا.

وَقَالُوا أَآلِهَتُنَا خَيْرٌ أَمْ هُوَ ۚ مَا ضَرَبُوهُ لَكَ إِلَّا جَدَلًا ۚ بَلْ هُمْ قَوْمٌ خَصِمُونَ ﴿٥٨﴾

(٥٨) ۽ چون ٿا ته اسان جا معبود بهتر آهن يا اهو (حضرت عيسيٰ) بهتر آهي؟ (اي پيغمبر!) اهڙيون ڳالهيون هو تو سان فقط جهڳڙا پيدا ڪرڻ واسطي ڪن ٿا. هيءَ حقيقت آهي ته هو جهڳڙالو ماڻهو آهن.

إِنْ هُوَ إِلَّا عَبْدٌ أَنْعَمْنَا عَلَيْهِ وَجَعَلْنَاهُ مَثَلًا لِبَنِي إِسْرَائِيلَ ﴿٥٩﴾

(٥٩) هو ته فقط ٻانهو هو (اسان جو) اسان هن تي پنهنجو فضل ڪيو ۽ هن کي بني اسرائيلن لاءِ مثال ۽ نمونو ڪيو (پر افسوس جو هو سندس نقش قدم تي نه هليا).

وَلَوْ نَشَآءُ لَجَعَلْنَا مِنْكُمْ مَّلٰٓئِكَةً فِي الْاَرْضِ يَخْلُفُوْنَ ﴿٦٠﴾

(٦٠) ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون ته توهان مان ملائڪ پيدا ڪري ڇڏيون، جيڪي دنيا ۾ اوهان جي جاءِ وٺن.

وَاِنَّهٗ لَعِلْمٌ لِّلسَّاعَةِ فَلَا تَمْتَرُنَّ بِهَا وَاتَّبِعُوْنِ ۭ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٦١﴾

(٦١) ۽ يقيناً (حضرت عيسىٰ) انهيءَ گهڙيءَ جو علم يا نشاني آهي. سو انهيءَ نشانيءَ ۾ شڪ نه آڻيو ۽ منهنجي پيروي ڪيو اهائي سچي واٽ آهي.

وَلَا يَصُدَّنَّكُمُ الشَّيْطٰنُ ۚ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٦٢﴾

(٦٢) ۽ ائين نه ٿئي جو شيطان اوهان کي (انهيءَ سڌيءَ واٽ کان) روڪي ڇڏي. هو يقيناً اوهان جو کليو کلايو دشمن آهي.

وَلَمَّا جَآءَ عِيْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ قَالَ قَدْ جِئْتُكُمْ بِالْحِكْمَةِ وَلِاُبَيِّنَ لَكُمْ بَعْضَ الَّذِيْ تَخْتَلِفُوْنَ فِيْهِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿٦٣﴾

(٦٣) ۽ جڏهن حضرت عيسىٰ روشن دليلن ۽ نشانين سان اچي ويو، تڏهن چيائين ته، مان توهان ڏي حڪمت ۽ دانائيءَ جون ڳالهيون کڻي آيو آهيان. ۽ هن لاءِ آيو آهيان ته. جن ڳالهين بابت توهان اختلاف ڪري رهيا آهيو تن مان ڪن ڳالهين کي چٽو ڪري ڇڏيان. سو الله (جي حڪمن جي تعميل ڪيو ۽ سندس نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو.

اِنَّ اللّٰهَ هُوَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ۭ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٦٤﴾

(٦٤) يقين ڄاڻو ته. الله ئي منهنجو ۽ (اوهان جو پروردگار آهي. سو فقط سندس ٻانهپ ڪيو اهوئي سڌو رستو آهي.

فَاخْتَلَفَ الْاَحْزَابُ مِنْۢ بَيْنِهِمْ ۚ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْ عَذَابِ يَوْمٍ اَلِيْمٍ ﴿٦٥﴾

(٦٥) پر (ڇا ٿيو جو) ٽولين يعني فرقن پاڻ ۾ اختلاف ڪيا. سو جن (فرقا ناهي پاڻ تي پاڻ) ظلم ڪيو تن تي هڪڙي سخت تڪليف واري ڏينهن عذاب جي مصيبت اچڻي آهي.

هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا السَّاعَةَ اَنْ تَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٦٦﴾

(٦٦) هي (منڪر) انهيءَ گهڙيءَ واسطي ترسيا ويٺا آهن ؟ (ان گهڙيءَ جي اچڻ بعد هو ڇا ڪري سگهندا؟) اها ته اوچتو اچي ويندي ۽ هنن کي خبر به ڪانه پوندي.

اَلْاَخِلَّآءُ يَوْمَئِذٍۢ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ اِلَّا الْمُتَّقِيْنَ ﴿٦٧﴾

(٦٧) انهيءَ ڏينهن دوست به هڪ ٻئي جا دشمن ٿي پوندا. پر پرهيزگار (مومن) (هڪٻئي جا دشمن ڪونه ٿيندا، اهي هڪٻئي سان وڏي محبت ۾ رهندا).

## رڪوع 7

**حضرت جن کي حڪم ته هاڻي هنن منڪرن کي ڇڏي ڏي.**

يٰعِبَادِ لَا خَوْفٌ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ وَلَآ اَنْتُمْ تَحْزَنُوْنَ ﴿٦٨﴾

(٦٨) اي منهنجا (فرمانبردار) بندؤ! انهيءَ ڏينهن توهان کي ڪو به خوف ڪونه رهندو، نڪي توهان غمگين هوندؤ.

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا مُسْلِمِيْنَ ﴿٦٩﴾

(٦٩) اهي سچا بندا جيڪي اسان جي آيتن ۽ حڪمن تي ايمان ۽ يقين رکن ٿا ۽ پورا پورا مسلمان (يعني سورهن آنا خدا جا) فرمانبردار آهن (۽ سيني قرآني حڪمن جي تعميل ٿا ڪن).

اُدۡخُلُوا الۡجَنَّةَ اَنۡتُمۡ وَ اَزۡوَاجُكُمۡ تُحۡبَرُوۡنَ ﴿۷۰﴾

(۷۰) (اي منهنجا اهڙا بندؤ) توهان ۽ توهان جون مومن زالون (۽ توهان سان تعلق رکندڙ مومن) خوشين ۽ خوبين سان جنت ۾ داخل ٿيو.

يُطَافُ عَلَيۡهِمۡ بِصِحَافٍ مِّنۡ ذَهَبٍ وَّ
اَكۡوَابٍ ۚ وَ فِيۡهَا مَا تَشۡتَهِيۡهِ الۡاَنۡفُسُ وَ تَلَذُّ
الۡاَعۡيُنُ ۚ وَ اَنۡتُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۷۱﴾ۚ

(۷۱) (جنت ۾) انهن تي سون جي رڪابين ۽ پيالن جو دور هلندو. ۽ اتي دليون جيڪي بہ چاهينديون ۽ جنهن سان بي اکين کي لذت ۽ راحت ملندي سو سڀ ميسر هوندو ۽ اوهان بہ هميشہ رهندؤ.

وَ تِلۡكَ الۡجَنَّةُ الَّتِيۡۤ اُوۡرِثۡتُمُوۡهَا بِمَا كُنۡتُمۡ
تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۷۲﴾

(۷۲) اهڙو هوندو اهو بهشت جنهن جا توهان (هميشہ لاءِ) وارث ٿيندؤ، هن ڪري جو توهان نيڪ عمل ڪندا هئو.

لَكُمۡ فِيۡهَا فَاكِهَةٌ كَثِيۡرَةٌ مِّنۡهَا تَاۡكُلُوۡنَ ﴿۷۳﴾

(۷۳) ان بهشت ۾ اوهان جي لاءِ بي انداز ميوا (۽ نعمتون) هوندون جي توهان ماڻيندو.

اِنَّ الۡمُجۡرِمِيۡنَ فِيۡ عَذَابِ جَهَنَّمَ خٰلِدُوۡنَ ﴿۷۴﴾ۖۚ

(۷٤) يقيناً ڏوهاري ۽ گهنگار جهنم جي عذاب ۾ پوندا ۽ هميشہ ان ۾ هوندا.

لَا يُفَتَّرُ عَنۡهُمۡ وَ هُمۡ فِيۡهِ مُبۡلِسُوۡنَ ﴿۷۵﴾ۚ

(۷۵) هنن تان عذاب هلڪو ڪونہ ڪيو ويندو ۽ هو ان ۾ نااميدي ۽ نامراديءَ ۾ ويڙهجي ويندا.

وَ مَا ظَلَمۡنٰهُمۡ وَ لٰكِنۡ كَانُوۡا هُمُ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۷۶﴾

(۷٦) اسان هنن سان بي انصافي بلڪل ڪانہ ڪنداسين، پر هو پاڻ وڏا ظالم هئا (۽ هو پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيائون ۽ ان جو نتيجو ضرور لوڙڻو اٿن).

وَ نَادَوۡا يٰمٰلِكُ لِيَقۡضِ عَلَيۡنَا رَبُّكَ ؕ قَالَ
اِنَّكُمۡ مّٰكِثُوۡنَ ﴿۷۷﴾

(۷۷) ۽ هو (جهنم ۾) پڪاري چوندا تہ اي جهنم جا داروغا! تنهنجو پروردگار جيڪڏهن اسان کي ختم ڪري ڇڏي تہ ڏاڍو چڱو ٿئي. هو چوندو (تہ نہ!) توهان کي يقيناً (هن عذاب ۾ دائمي طور) رهڻو آهي.

لَقَدۡ جِئۡنٰكُمۡ بِالۡحَقِّ وَ لٰكِنَّ اَكۡثَرَكُمۡ لِلۡحَقِّ
كٰرِهُوۡنَ ﴿۷۸﴾

(۷۸) (اي انسانو!) هيءَ حقيقت آهي تہ اسان توهان وٽ حق (يعني قرآن مجيد) آندو آهي، پر توهان مان گهڻا حق کي ناپسند ڪندڙ آهن.

اَمۡ اَبۡرَمُوۡۤا اَمۡرًا فَاِنَّا مُبۡرِمُوۡنَ ﴿۷۹﴾ۚ

(۷۹) ڇا هنن ڪو منصوبو ٺاهي تيار ڪيو آهي؟ (پر (ياد رکو) تہ اسان ئي سيني ڳالهين جو فيصلو ڪندڙ آهيون (هو ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندا).

اَمۡ يَحۡسَبُوۡنَ اَنَّا لَا نَسۡمَعُ سِرَّهُمۡ وَ
نَجۡوٰىهُمۡ ؕ بَلٰى وَ رُسُلُنَا لَدَيۡهِمۡ يَكۡتُبُوۡنَ ﴿۸۰﴾

(۸۰) يا (مڪي جا ڪافر) هيئن ٿا سمجهن ڇا تہ اسان سندس ڳجهہ ۽ مخفي ڳالهيون ڪونہ ٿا ٻڌون؟ يقيناً اسان سڀ ڪجهہ ٻڌون ٿا ۽ اسان جا موڪيل فرشتا هنن جي پاسي ۾ رهن ٿا ۽ سڀ ڪجهہ لکي ٿا ڇڏين.

قُلۡ اِنۡ كَانَ لِلرَّحۡمٰنِ وَلَدٌ ۖ فَاَنَا اَوَّلُ
الۡعٰبِدِيۡنَ ﴿۸۱﴾

(۸۱) (اي پيغمبر!) تون چئو تہ جيڪڏهن رحمان خدا کي پٽ هجي ها تہ پوءِ مان (سندس) ٻانهپ ڪندڙن ۾ سيني کان اڳرو هجان ها (پر پٽ جو هئڻ خدا جي شان وٽان ناهي.)

سُبْحٰنَ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ رَبِّ الْعَرْشِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿٨٢﴾

(٨٢) آسمانن ۽ زمين جو پروردگار ۽ عرش جو مالڪ پاڪ آهي، اهڙين ڳالهين کان جي هي ماڻهو (عيسائي ۽ ٻيا) بيان ڪن ٿا.

فَذَرْهُمْ يَخُوْضُوْا وَيَلْعَبُوْا حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ ﴿٨٣﴾

(٨٣) سو (اي پيغمبر!) هنن کي ڇڏي ڏي ته يلي پيا بيهوديون بڪواسون ڪن ۽ کلي چرچا ڪن، تان جو پنهنجو اهو ڏينهن ڏسن جنهن جو ساڻن واعدو ڪيو ويو آهي، (جنهن ڏينهن هو مغلوب ٿيندا يا آخرت جي عذاب ۾ ڪرندا).

وَهُوَ الَّذِيْ فِي السَّمَآءِ اِلٰهٌ وَّفِي الْاَرْضِ اِلٰهٌ ۭ وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْعَلِيْمُ ﴿٨٤﴾

(٨٤) ۽ اهوئي الله آسمان ۾ به معبود آهي ته زمين تي به معبود آهي، ۽ هو وڏيءَ حڪمت وارو ۽ روڏلم وارو ۽ وڏي علم وارو آهي.

وَتَبٰرَكَ الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۚ وَعِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ ۚ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٨٥﴾

(٨٥) ۽ وڏين برڪتن وارو آهي، اهو الله جنهن جي هٿ ۾ آسمان ۽ زمين جي بادشاهي آهي ۽ جيڪي به انهن جي وچ ۾ آهي تنهن جي به بادشاهي آهي. ۽ انهيءَ گهڙي جو علم وٽس ئي آهي، ۽ اوهان آخر هن ئي ڏانهن موٽايا ويندؤ.

وَلَا يَمْلِكُ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهِ الشَّفَاعَةَ اِلَّا مَنْ شَهِدَ بِالْحَقِّ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٨٦﴾

(٨٦) ۽ جن کي هو خدا کي ڇڏي پڪارين ٿا تن جي هٿ ۾ شفاعت ڪانهي، (هو ڪا به سفارش ڪري نه گهندا) شفاعت ته فقط انهيءَ جي هٿ ۾ آهي جيڪو حق جي شاهدي ٿو ڏئي (يعني حق ٿو ٻڌائي ۽ سچو دين ٿو سيکاري) ۽ (اها ڳالهه) هو ڄاڻن به ٿا (پر خودغرضي ۽ دنيائي فائدا هنن کي حق کان روڪين ٿا).

وَلَىِٕنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَهُمْ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ فَاَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿٨٧﴾

(٨٧) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون هنن (ڪافرن) کان پڇين ته، ڪنهن کين خلقيو آهي ته هو ضرور چوندا ته کين الله ئي خلقيو آهي، پوءِ ڪيئن هو (حق کان) ٿڙڪي گمراهه ٿي ٿا وڃن؟

وَقِيْلِهٖ يٰرَبِّ اِنَّ هٰٓؤُلَاۗءِ قَوْمٌ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٨﴾

(٨٨) ۽ (پيغمبر ﷺ جو) هيءُ چوڻ (اسان کي معلوم آهي) ته اي منهنجا پروردگار هي اهي ماڻهو آهن جيڪي (هرگز) ايمان ڪونه آڻيندا.

فَاصْفَحْ عَنْهُمْ وَقُلْ سَلٰمٌ ۭ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿٨٩﴾

(٨٩) (اي پيغمبر! تنهنجو خيال برابر آهي) سو تون هنن کان منهن موڙي ڇڏ ۽ (کين آخري) سلام چئو. پوءِ هو جلد ئي معلوم ڪندا (ته ڪير ٿو آخر ڪامياب ٿئي).

## سورة الدخان ( معنيٰ: دونهون يا ڪوهيڙو ) مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

### حق جي قبوليت لاءِ ترغيبون

حٰمٓ ﴿١﴾

(١) حا – ميم

وَالْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ۝٢

(٢) غور ڪيو هن ڪتاب (قرآن مجيد) تي جو (سڀني حقيقتن کي) چٽو ڪندڙ آهي.

اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةٍ مُّبٰرَكَةٍ اِنَّا كُنَّا مُنْذِرِيْنَ ۝٣

(٣) اسان يقيناً ان کي برڪت واري رات ۾ نازل ڪيو، ۽ يقيناً اسان (ماڻهن کي مصيبتن کان بچڻ لاءِ) خبردار ڪرڻ ٿا چاهيون.

فِيْهَا يُفْرَقُ كُلُّ اَمْرٍ حَكِيْمٍ ۝٤

(٤) ان (قرآن مجيد) ۾ هرهڪ دانائي جي ڳالهه (۽ معاملو جهل جي ڳالهه کان جدا ڪري) چٽو ڪري ڏيکاريو ويو آهي.

اَمْرًا مِّنْ عِنْدِنَا ۭ اِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ ۝٥

(٥) خود اسان وٽان صادر ٿيل حڪم موجب (ايئن ڪيو ويو آهي) يقيناً اسان ئي (وحي ۽ پيغمبرن کي) موڪليندڙ آهيون.

رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ۭ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ۝٦

(٦) (اهو ئي وحي) تنهنجي پروردگار وٽان (سڀني ماڻهن لاءِ) رحمت طور موڪليل آهي. يقيناً هو سڀ ڪجهه ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۘ اِنْ كُنْتُمْ مُّوْقِنِيْنَ ۝٧

(٧) (اها رحمت انهيءَ رب وٽان آيل آهي) جو آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تنهن جو پروردگار آهي، بشرطيڪ توهان يقين رکڻ وارا هجو. (جيڪڏهن توهان رڳو گمانن تي نہ هلي پر علم ۽ غور جي وسيلي يقين تي پهچو تہ پوءِ توهان ڏسندو تہ يقيناً قرآن مجيد رب جي رحمت آهي.)

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۭ رَبُّكُمْ وَرَبُّ اٰبَاۗىِٕكُمُ الْاَوَّلِيْنَ ۝٨

(٨) هن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود (يا حاڪم) ڪونهي، اهوئي جيئاري ۽ ماري ٿو، اهوئي اوهان جو بہ پروردگار آهي تہ اوهان جي اڳوڻن ابن ڏاڏن جو بہ پروردگار آهي.

بَلْ هُمْ فِيْ شَكٍّ يَّلْعَبُوْنَ ۝٩

(٩) پر ڳالهه هيئن آهي تہ اهي (جاهل) شڪن (۽ وهمن) ۾ کيل تماشا ڪري رهيا آهن.

فَارْتَقِبْ يَوْمَ تَاْتِي السَّمَاۗءُ بِدُخَانٍ مُّبِيْنٍ ۝١٠

(١٠) سو (اي پيغمبر! تون) انهيءَ ڏينهن جو انتظار ڪر جنهن ڏينهن آسمان چٽو پٽو دونهون آڻيندو.

يَّغْشَى النَّاسَ ۭ هٰذَا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۝١١

(١١) جو دونهو ماڻهن تي ڇانئجي ويندو، اهو (هنن لاءِ) سخت عذاب هوندو.

رَبَّنَا اكْشِفْ عَنَّا الْعَذَابَ اِنَّا مُؤْمِنُوْنَ ۝١٢

(١٢) (تڏهن ماڻهو چوندا تہ) اي اسان جا پروردگار! اسان تان هي عذاب ٽاري ڇڏ، اسان (هاڻي) يقيناً ايمان ٿا آڻيون.

اَنّٰى لَهُمُ الذِّكْرٰى وَقَدْ جَاۗءَهُمْ رَسُوْلٌ مُّبِيْنٌ ۝١٣

(١٣) (پر) هو ڪٿي ٿا نصيحت وٺن ۽ سمجهن؟ (ڏسو تہ) هنن ڏانهن (حقيقتن کي) چٽو ڪندڙ رسول اچي بہ ويو آهي. (تہ بہ)

ثُمَّ تَوَلَّوْا عَنْهُ وَقَالُوْا مُعَلَّمٌ مَّجْنُوْنٌ ۝١٤

(١٤) پوءِ هو هن کان منهن ڦيرائي هليا ٿا وڃن، ۽ چون ٿا تہ هو (ٻين جو) سيکاريل آهي ۽ ديوانو آهي.

إِنَّا كَاشِفُوا الْعَذَابِ قَلِيلًا إِنَّكُمْ عَائِدُونَ ﴿١٥﴾

(١٥) اسان تہ يقيناً ڪجھ وقت لاءِ اهو (ڏڪار جو) عذاب ٽاري ڇڏينداسين، پر توهان يقيناً (ڪفر ۽ بدڪارين ڏي موٽندو)

يَوْمَ نَبْطِشُ الْبَطْشَةَ الْكُبْرَىٰ ۚ إِنَّا مُنتَقِمُونَ ﴿١٦﴾

(١٦) (ياد رکو تہ) هڪڙي ڏينهن اسان وڏي سخت پڪڙ سان (هنن کي) پڪڙينداسين، يقيناً اسان بدلو وٺڻ وارا آهيون، (يعني هنن کي هن جي بدڪارين جو بدلو ضرور ملندو. فرعون جو مثال مان عبرت وٺڻ گهرجين.)

وَلَقَدْ فَتَنَّا قَبْلَهُمْ قَوْمَ فِرْعَوْنَ وَجَاءَهُمْ رَسُولٌ كَرِيمٌ ﴿١٧﴾

(١٧) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ، ڪائنن اڳي اسان فرعون جي ماڻهن کي آزمائيو، ۽ هنن ڏي هڪڙو وڏي شان وارو پيغمبر (حضرت موسىٰ) آيو.

أَنْ أَدُّوا إِلَيَّ عِبَادَ اللَّهِ ۖ إِنِّي لَكُمْ رَسُولٌ أَمِينٌ ﴿١٨﴾

(١٨) (هن کين چيو تہ،) خدا جي ٻانهن (بني اسرائيلن ۽ مصري مومنن) کي منهنجي حوالي ڪيو. يقيناً مان توهان ڏي (خدا جو) پيغمبر ٿي آيو آهيان ۽ يقيناً ڀروسي ۽ اعتبار جي لائق پيغمبر آهيان.

وَأَنْ لَا تَعْلُوا عَلَى اللَّهِ ۖ إِنِّي آتِيكُمْ بِسُلْطَانٍ مُبِينٍ ﴿١٩﴾

(١٩) ۽ خدا جي مقابلي ۾ هٺ وڏائي نہ ڪيو، يقيناً مون اوهان ڏي چٽي پٽي سند آندي آهي.

وَإِنِّي عُذْتُ بِرَبِّي وَرَبِّكُمْ أَنْ تَرْجُمُونِ ﴿٢٠﴾

(٢٠) ۽ مان پنهنجي ۽ اوهان جي پروردگار وٽ پناهہ گهري آهي، انهيءَ کان جو توهان مون کي پٿر هڻي ماريو (يا ڪو ايذاءُ پهچايو.)

وَإِنْ لَمْ تُؤْمِنُوا لِي فَاعْتَزِلُونِ ﴿٢١﴾

(٢١) ۽ جيڪڏهن توهان مون تي ايمان نہ آڻيو تہ گهٽ ۾ گهٽ مون کان پري تہ رهو.

فَدَعَا رَبَّهُ أَنَّ هَٰؤُلَاءِ قَوْمٌ مُجْرِمُونَ ﴿٢٢﴾

(٢٢) (پر هنن ڪيس نقصان پهچائڻ جون رٿون ڪيون) سو هن پنهنجي پروردگار کي پڪاري چيو تہ، يقيناً هي ماڻهو گنهگار ۽ بدڪار آهن.

فَأَسْرِ بِعِبَادِي لَيْلًا إِنَّكُمْ مُتَّبَعُونَ ﴿٢٣﴾

(٢٣) (الله تعالىٰ وٽان ارشاد ٿيو تہ) پوءِ منهنجي ٻانهن کي رات جي وقت (مخفي طرح) پاڻ سان وٺي نڪري وڃ. يقيناً (خبر پوڻ بعد) هو توهان جي پٺيان پوندا (۽ توهان تي ڪاهہ ڪندا).

وَاتْرُكِ الْبَحْرَ رَهْوًا ۖ إِنَّهُمْ جُنْدٌ مُغْرَقُونَ ﴿٢٤﴾

(٢٤) ۽ (اي موسىٰ تنهنجي لاءِ سمنڊ هٽي ويندو، پوءِ) سمنڊ کي (هر جي) اوڙ جي حالت ۾ ڇڏي وڃجانءِ، (فرعون جا ماڻهو اوڙ يا واٽ ڏي ڪاهي پوندا، پر سمنڊ وري چڙهندو) يقيناً هو اهو لشڪر آهن جو غرق ٿيڻو آهي.

كَمْ تَرَكُوا مِنْ جَنَّاتٍ وَعُيُونٍ ﴿٢٥﴾

(٢٥) ڪيترا نہ باغ ۽ نهرون هيون جن کي هو ڇڏي هليا ويا!

وَزُرُوعٍ وَمَقَامٍ كَرِيمٍ ﴿٢٦﴾

(٢٦) ۽ ڪيتريون پوکون ۽ شاندار جايون هين.

وَنَعْمَةٍ كَانُوا فِيهَا فَاكِهِينَ ﴿٢٧﴾

(٢٧) ۽ ڪيتريون نہ نعمتون هين جي هو (خوشين ۽ غفلتن ۾) ماڻيندا هئا. (اهي سڀ ڇڏي فنا ٿي ويا ۽ جهنم ۾ داخل ٿيا)!

كَذٰلِكَ ۫ وَ اَوْرَثْنٰهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ ﴿۲۸﴾

(٢٨) اهڙيءَ طرح (ٿي سندن پڇاڙي ۽) ۽ اسان ٻين ماڻهن کي سندن وارث ڪيو.

فَمَا بَكَتْ عَلَيْهِمُ السَّمَآءُ وَ الْاَرْضُ وَ مَا كَانُوْا مُنْظَرِيْنَ ﴿۲۹﴾

(٢٩) سو نڪي آسمان مٿن ڳوڙها ڳاڙيا، نہ ڪي زمين هنن لاءِ رني ۽ نہ ڪي هنن کي مهلت ڏني ويئي!

## رڪوع 2

**بني اسرائيلين جو فرعون ڪان ڇوٽڪارو. مڪي جي ڪافرن کي ان مان عبرت وٺڻ گهرجي.**

وَ لَقَدْ نَجَّيْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ مِنَ الْعَذَابِ الْمُهِيْنِ ﴿۳۰﴾

(٣٠) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان بني اسرائيلن کي ذليل ڪندڙ عذاب ڪان بچايو.

مِنْ فِرْعَوْنَ ؕ اِنَّهٗ كَانَ عَالِيًا مِّنَ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿۳۱﴾

(٣١) يعني فرعون (جي ظالمن ۽ غلاميءَ) ڪان (بچايو). يقيناً اهو فرعون وڏو سرڪش ۽ ليڪو لنگهي ويهڻ وارن مان هو.

وَ لَقَدِ اخْتَرْنٰهُمْ عَلٰى عِلْمٍ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿۳۲﴾

(٣٢) ۽ هيءَ بہ حقيقت آهي تہ اسان انهن (بني اسرائيلن) کي پنهنجي علم مطابق سڄي جهان جي ماڻهن ڪان بلند ڪيو ۽ چونڊي ڪنيو.

وَ اٰتَيْنٰهُمْ مِّنَ الْاٰيٰتِ مَا فِيْهِ بَلٰٓؤٌا مُّبِيْنٌ ﴿۳۳﴾

(٣٣) ۽ اسان هنن کي نشانيون (ڪتاب پيغمبر ۽ بادشاهي وغيره) ڏنديون جن ۾ چٽي چٽي آزمائش رکيل هئي. (هو پورا نہ نڪتا ۽ تباهہ ٿيا).

اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَيَقُوْلُوْنَ ﴿۳۴﴾

(٣٤) هي (مڪي جا ڪافر) يقيناً چون ٿا تہ

اِنْ هِيَ اِلَّا مَوْتَتُنَا الْاُوْلٰى وَ مَا نَحْنُ بِمُنْشَرِيْنَ ﴿۳۵﴾

(٣٥) اسان جي هن پهرئين موت ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي، ۽ اسان وري ڪونہ اٿاريا ويندا سين.

فَاْتُوْا بِاٰبَآىِٕنَآ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۳۶﴾

(٣٦) (مسلمانو!) جيڪڏهن توهان سچ ٿا چئو تہ (قيامت ايندي تہ) ڀلا اسان جي وڏن کي (جيئرو ڪري اسان جي روبرو) آڻيو (تہ اسان ڏسون).

اَهُمْ خَيْرٌ اَمْ قَوْمُ تُبَّعٍ ۙ وَّ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ اَهْلَكْنٰهُمْ ۫ اِنَّهُمْ كَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿۳۷﴾

(٣٧) (ڏسو تہ) اهي (مڪي جا ڪافر) بهتر (۽ وڏي طاقت وارا) آهن يا تبع قوم جا ماڻهو ۽ اهي جيڪي انهن کان اڳي ٿي گذريا آهن (اهي گهڻو بهتر ۽ وڏيڪ طاقت وارا هئا) انهن کي ئي اسان برباد ڪري ڇڏيو، ڇو تہ يقيناً هو وڏا گهنگار هئا.

وَ مَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ مَا بَيْنَهُمَا لٰعِبِيْنَ ﴿۳۸﴾

(٣٨) ۽ (ياد رکو تہ) اسان آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي بہ انهن جي وچ ۾ آهي تنهن کي کيل تماشي طور (بنا ڪنهن مقصد جي) ڪونہ خلقيو آهي.

مَا خَلَقْنٰهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۳۹﴾

(٣٩) اسان انهن کي ڪنهن رحمت (يا مقصد) کان سواءِ نہ خلقيو آهي، پر هنن مان گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن ۽ سمجهن.

إِنَّ يَوْمَ الْفَصْلِ مِيقَاتُهُمْ أَجْمَعِينَ ﴿٤٠﴾

(٤٠) يقيناً هنن سڀني لاءِ فيصلي وارو ڏينهن مقرر ڪيل وقت آهي، (جنهن ڏينهن نيڪن کي بدڪارن کان جدا ڪري ڪامياب ڪيو ويندو ۽ بدڪارن کي خوار خراب ڪيو ويندو).

يَوْمَ لَا يُغْنِي مَوْلًى عَنْ مَّوْلًى شَيْئًا وَّلَا هُمْ يُنْصَرُونَ ﴿٤١﴾

(٤١) انهيءَ ڏينهن ڪوبہ دوست دوست کي (يا سنڀاليندڙ پنهنجي سنڀال هيٺ واري کي) ڪجهہ بہ ڪم نہ ايندو، ۽ هنن کي ڪابہ مدد ڪانہ ملندي.

إِلَّا مَنْ رَّحِمَ اللَّهُ ۚ إِنَّهُ هُوَ الْعَزِيزُ الرَّحِيمُ ﴿٤٢﴾

(٤٢) سواءِ انهن جي جن تي الله تعاليٰ رحم ڪيو آهي، يقيناً هو غالب ۽ رحم وارو آهي.

## رڪوع 3

### قيامت بعد بدڪار ڪافرن جي حالت ۽ صالح بندن جي حالت.

إِنَّ شَجَرَتَ الزَّقُّومِ ﴿٤٣﴾

(٤٣) بيشڪ ٿوهر جو (ڪوڙو) وڻ،

طَعَامُ الْأَثِيمِ ﴿٤٤﴾

(٤٤) (قيامت بعد دوزخ ۾) گنهگارن جو کاڄ ٿيندو.

كَالْمُهْلِ ۚ يَغْلِي فِي الْبُطُونِ ﴿٤٥﴾

(٤٥) (اهو کاڄ) پگريل پتل (يا تيل جي گيرٺ) وانگر پيٽ ۾ آنڊن ۾ ٽهڪندو.

كَغَلْيِ الْحَمِيمِ ﴿٤٦﴾

(٤٦) (اهڙيءَ طرح ٽهڪندو) جهڙيءَ طرح گرم پاڻي ٽهڪندو آهي.

خُذُوهُ فَاعْتِلُوهُ إِلَىٰ سَوَاءِ الْجَحِيمِ ﴿٤٧﴾

(٤٧) (اتي حڪم ٿيندو تہ) پڪڙيوس ۽ گهلي گهلي ڀڀي ڪندڙ باهہ جي وچ ۾ وٺي وڃوس.

ثُمَّ صُبُّوا فَوْقَ رَأْسِهِ مِنْ عَذَابِ الْحَمِيمِ ﴿٤٨﴾

(٤٨) پوءِ سندس مٿي تي عذاب ڏيندڙ ٽهڪندڙ پاڻي پرٽايو.

ذُقْ ۚ إِنَّكَ أَنْتَ الْعَزِيزُ الْكَرِيمُ ﴿٤٩﴾

(٤٩) (ان هٺيلي ظالم کي چيو ويندو تہ) چک (عذاب جو مزو) بيشڪ تون (دنيا ۾) وڏي طاقت وارو ۽ وڏي عزت وارو هئين.

إِنَّ هَٰذَا مَا كُنْتُمْ بِهِ تَمْتَرُونَ ﴿٥٠﴾

(٥٠) بيشڪ اهو اهو اٿئي (عذاب) جنهن بابت (دنيا ۾) شڪ آڻيندو هئين (۽ چوندو هئين تہ نڪا قيامت ايندي نڪو مون کي عذاب ٿيندو).

إِنَّ الْمُتَّقِينَ فِي مَقَامٍ أَمِينٍ ﴿٥١﴾

(٥١) يقيناً نيڪ ماڻهو (جيڪي خدائي قانون ۽ اسلامي نظامِ زندگي جي اندر رهيا) امن امان واري جاءِ (يا حالت) ۾ هوندا.

فِي جَنَّاتٍ وَّعُيُونٍ ﴿٥٢﴾

(٥٢) باغن ۽ نهرن جي وچ ۾ رهندا.

يَلْبَسُونَ مِنْ سُنْدُسٍ وَّإِسْتَبْرَقٍ مُّتَقَابِلِينَ ﴿٥٣﴾

(٥٣) سنها ريشمي ڪپڙا ۽ ٿلها بخمل جا ڪپڙا پهريندا ۽ (هڪٻئي جي من موهيندڙ صحبت ۽ محبت ۾) هڪٻئي جي سامهون ٿي ويندا.

كَذَٰلِكَ وَزَوَّجْنَاهُمْ بِحُورٍ عِينٍ ﴿٥٤﴾

(٥٤) يقيناً ائين ٿيندو ۽ اسان کين وڏين اکين وارن حورن سان ملائينداسين.

يَدْعُونَ فِيهَا بِكُلِّ فَاكِهَةٍ آمِنِينَ ﴿٥٥﴾

(٥٥) اتي قرار سان انهن باغن ۾ هر قسم جي ميون جو آرڊر ڏيئي سگهندا (۽ سڀ ڪجھ ڪين ملندو).

لَا يَذُوقُونَ فِيهَا الْمَوْتَ إِلَّا الْمَوْتَةَ الْأُولَىٰ ۖ وَوَقَاهُمْ عَذَابَ الْجَحِيمِ ﴿٥٦﴾

(٥٦) اتي جنت ۾ پهرئين (دنيا واري) موت کان سواءِ ٻيو موت ڪونه چکندا (هميشه زنده رهندا ۽ هميشه موجون ماڻيندا رهندا) ۽ الله تعاليٰ کين جيئي ڪندڙ باھ جي عذاب کان (هيمشه لاءِ) بچائي ڇڏيندو.

فَضْلًا مِّن رَّبِّكَ ۚ ذَٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيمُ ﴿٥٧﴾

(٥٧) اهو سڀ تنهنجي پروردگار جي فضل سان ٿيندو. اهائي وڏي ڪاميابي آهي.

فَإِنَّمَا يَسَّرْنَاهُ بِلِسَانِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُونَ ﴿٥٨﴾

(٥٨) اسان هن قرآن کي تنهنجي (عربي) زبان ۾ آسان ڪري ڇڏيو آهي، انهيءَ لاءِ ته هو سمجهن ۽ نصيحت وٺن.

فَارْتَقِبْ إِنَّهُم مُّرْتَقِبُونَ ﴿٥٩﴾

(٥٩) سو (اي اي پيغمبر!) ترس يقيناً هي (ڪافر) به ترسيا وينا آهن، (جلد ئي هو مغلوب ٿيندا.)

**سورة الجاثيه (معنيٰ: گوڏن ڀر ڪرندڙ) مڪي**

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع 1

**ڪافرن کي خبردار ڪرڻ ۽ ايمان تي آڻڻ لاءِ هدايتون**

حم ﴿١﴾

(١) حا م — ميم

تَنزِيلُ الْكِتَابِ مِنَ اللَّهِ الْعَزِيزِ الْحَكِيمِ ﴿٢﴾

(٢) هي ڪتاب الله تعاليٰ وٽان نازل ٿيل آهي جو وڏيءَ قدرت ۽ حڪمت وارو آهي.

إِنَّ فِي السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ لَآيَاتٍ لِّلْمُؤْمِنِينَ ﴿٣﴾

(٣) يقيناً آسمانن ۽ زمين ۾ مومنن لاءِ وڏيون نشانيون موجود آهن.

وَفِي خَلْقِكُمْ وَمَا يَبُثُّ مِن دَابَّةٍ آيَاتٌ لِّقَوْمٍ يُوقِنُونَ ﴿٤﴾

(٤) ۽ خود اوهان کي خلقڻ ۾ ۽ حيوانن ۾ جن کي (زمين تي) پکيڙي ڇڏيو اٿس وڏيون نشانيون آهن انهن لاءِ جيڪي يقين رکندڙ آهن.

وَاخْتِلَافِ اللَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَمَا أَنزَلَ اللَّهُ مِنَ السَّمَاءِ مِن رِّزْقٍ فَأَحْيَا بِهِ الْأَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا وَتَصْرِيفِ الرِّيَاحِ آيَاتٌ لِّقَوْمٍ يَعْقِلُونَ ﴿٥﴾

(٥) ۽ رات ۽ ڏينهن جي هڪٻئي پٺيان اچڻ ۾ ۽ ان رزق ۾ جو الله تعاليٰ آسمان مان نازل ڪيو آهي ۽ جنهن سان پوءِ زمين کي ان جي موت (يعني خشڪ ۽ ويران ٿيڻ) بعد زنده (يعني سرسبز) ڪري ڇڏي ٿو ۽ هوائن جي رخ ڦيرائڻ ۾ انهن ماڻهن لاءِ وڏيون نشانيون آهن جيڪي عقل وارا آهن ۽ عقل هلائين ٿا.

تِلْكَ آيَاتُ اللَّهِ نَتْلُوهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ۖ فَبِأَيِّ حَدِيثٍ بَعْدَ اللَّهِ وَآيَاتِهِ يُؤْمِنُونَ ﴿٦﴾

(٦) اهي الله جون آيتون آهن جي (اي پيغمبر!) اسان سچائيءَ سان توکي ٻڌائيون ٿا. پوءِ اهي (ڪافر) الله کي ۽ سندس آيتن (۽ حڪمن) کي ڇڏي ڏيڻ بعد ڪهڙي ڳالھ تي ايمان آڻيندا؟

وَيْلٌ لِّكُلِّ أَفَّاكٍ أَثِيمٍ ﴿٧﴾

(٧) ويل (۽ خرابيون) آهن هرهڪ ڪوڙي گنهگار لاءِ.

يَسْمَعُ آيَاتِ اللَّهِ تُتْلَىٰ عَلَيْهِ ثُمَّ يُصِرُّ مُسْتَكْبِرًا كَأَن لَّمْ يَسْمَعْهَا ۖ فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿٨﴾

(٨) جيڪو الله جون آيتون ٻڌي تو جي ڪيس پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون، ته بہ تڪبر ۽ هٺ ڪان (انڪار تي) ضد ٻڌي تو بيهي، ڄڻ ته هن ٻڌيون ئي ڪون. سو (اي پيغمبر!) ڪيس دردناڪ عذاب جي خبر ڏيئي ڇڏ.

وَإِذَا عَلِمَ مِنْ آيَاتِنَا شَيْئًا اتَّخَذَهَا هُزُوًا ۚ أُولَٰئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِينٌ ﴿٩﴾

(٩) ۽ جڏهن هو اسان جي آيتن مان ڪجهه معلوم ڪري ٿو تڏهن هو انهن تي کل مسخري تو ڪري، اهڙن ماڻهن جي لاءِ ذليل ڪندڙ عذاب هوندو (۽ ٻيا متن ڪلندا).

مِّن وَرَائِهِمْ جَهَنَّمُ ۖ وَلَا يُغْنِي عَنْهُم مَّا كَسَبُوا شَيْئًا وَلَا مَا اتَّخَذُوا مِن دُونِ اللَّهِ أَوْلِيَاءَ ۖ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴿١٠﴾

(١٠) انهن جي اڳيان جهنم هوندو ۽ جيڪي هنن ڪمايو هوندو سو ڪين ڪجهه بہ ڪم نہ ايندو ۽ جن کي الله کان سواءِ اولياءُ (يا دوست ۽ مددگار) ڪري ورتو هئائون سي بہ ڪين ڪجهه بہ ڪم نہ ايندا ۽ هنن جي لاءِ تمام وڏو عذاب هوندو.

هَٰذَا هُدًى ۖ وَالَّذِينَ كَفَرُوا بِآيَاتِ رَبِّهِمْ لَهُمْ عَذَابٌ مِّن رِّجْزٍ أَلِيمٌ ﴿١١﴾

(١١) اها آهي (سچي) هدايت ۽ جن پنهنجي پروردگار جي آيتن مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي تن جي لاءِ سخت تڪليف وارو عذاب هوندو.

## رڪوع 2

**قرآن جي سچائيءَ لاءِ هي ڪافي دليل آهي تہ ان تي عمل سان مومن ڪامياب ٿيندا.**

اللَّهُ الَّذِي سَخَّرَ لَكُمُ الْبَحْرَ لِتَجْرِيَ الْفُلْكُ فِيهِ بِأَمْرِهِ وَلِتَبْتَغُوا مِن فَضْلِهِ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُونَ ﴿١٢﴾

(١٢) الله تعاليٰ اهو (مهربان) آهي جنهن اوهان کي (اوهان جي ڪم اچڻ لاءِ) سمنڊ بہ تابع ڪري ڏنو آهي، تہ جهاز سندس حڪم سان ان ۾ هلن، ۽ توهان سندس فضل (يعني رزق، دولت، علم وغيره) جي تلاش ڪيو ۽ توهان سندس نعمتن جو قدر ڪيو.

وَسَخَّرَ لَكُم مَّا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ جَمِيعًا مِّنْهُ ۚ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَاتٍ لِّقَوْمٍ يَتَفَكَّرُونَ ﴿١٣﴾

(١٣) ۽ جيڪي بہ شيون آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ وٽانئس (عطا ڪيل آهن) سي سڀ هن اوهان کي (اوهان جي ڪم اچڻ لاءِ) تابع ڪري ڏنيون آهن. يقيناً انهيءَ ۾ وڏيون نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور ۽ فڪر ڪندڙ آهن.

قُل لِّلَّذِينَ آمَنُوا يَغْفِرُوا لِلَّذِينَ لَا يَرْجُونَ أَيَّامَ اللَّهِ لِيَجْزِيَ قَوْمًا بِمَا كَانُوا يَكْسِبُونَ ﴿١٤﴾

(١٤) (اي پيغمبر!) جن ايمان آندو آهي تن کي چئو تہ جيڪي ماڻهو الله جي ايامن (يا ڏينهن) جي اميد نٿا رکن (يعني نٿا چاهن تہ جزا ۽ سزا جا ڏينهن اچڻا آهن) تن کي (ڪيل ڏوهہ) معاف ڪري ڇڏين، انهيءَ لاءِ تہ الله تعاليٰ پاڻ ماڻهن کي بدلو ڏئي انهن ڪمن جو جي هو ڪندا رهيا آهن.

مَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهِ ۖ وَمَنْ أَسَاءَ فَعَلَيْهَا ۖ ثُمَّ إِلَىٰ رَبِّكُمْ تُرْجَعُونَ ﴿١٥﴾

(١٥) جيڪو بہ نيڪ ڪم تو ڪري (هن ئي دنيا ۾) سو پنهنجو ئي فائدو تو ڪري ۽ جيڪو برائيون تو ڪري سو بہ (هن ئي دنيا ۾) پاڻ تي ئي وبال تو آڻي. پوءِ (مرڻ بعد آخر تہ) پنهنجي پروردگار ڏي موٽايا ويندؤ (۽ اوهان کي اوهان جي عملن موجب بهشت يا دوزخ ملندو).

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْكِتٰبَ وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ وَرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَفَضَّلْنٰهُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦﴾

(١٦) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان بني اسرائيلن کي ڪتاب، حڪومت ۽ نبوت ڏني ۽ اسان ڪين پاڪ ۽ چڱين شين جو رزق ڏنو (۽ گهٽيون ئي نعمتون عطا ڪيون) ۽ اسان ڪين سڄي جهان جي ماڻهن ڪان بهتر ۽ برتر ڪيو.

وَاٰتَيْنٰهُمْ بَيِّنٰتٍ مِّنَ الْاَمْرِ ۚ فَمَا اخْتَلَفُوْٓا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ ۙ بَغْيًۢا بَيْنَهُمْ ۭ اِنَّ رَبَّكَ يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٧﴾

(١٧) ۽ اسان هنن کي (ديني) معاملن بابت چٽا، روشن حڪم ۽ دليل ڏنا، پر جڏهن هنن وٽ علم اچي ويو تڏهن ان بعد ئي هنن پاڻ ۾ حسد ۽ سرڪشي ڪري اختلاف ڪيا ۽ فرقا ٿاهيا. جن ڳالهين ۾ اختلاف ڪندا رهيا آهن تن بابت يقيناً تنهنجو پروردگار قيامت جي ڏينهن فيصلو ڪندو ۽ فتويٰ ڏيندو.

ثُمَّ جَعَلْنٰكَ عَلٰي شَرِيْعَةٍ مِّنَ الْاَمْرِ فَاتَّبِعْهَا وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٨﴾

(١٨) (بني اسرائيلن جي نبين ڪان) پوءِ اسان توڪي (ديني) معاملن جي (سچي) طريقي جي رهنمائي ڪئي آهي. سو تون ان جي پيروي ڪندو رهه ۽ انهن ماڻهن جي (ذاتي) خواهشن ۽ حرصن جي پيروي نه ڪر جيڪي جاهل آهن (۽ حق کي نٿا سمجهن).

اِنَّهُمْ لَنْ يُّغْنُوْا عَنْكَ مِنَ اللّٰهِ شَيْــــًٔا ۭ وَاِنَّ الظّٰلِمِيْنَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ۚ وَاللّٰهُ وَلِيُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٩﴾

(١٩) (اي پيغمبر!) يقين ڄاڻ ته الله جي مقابلي ۾ اهي ماڻهو توکي ڪجهه به ڪم نه ايندا ۽ يقين ڄاڻ ته ظالم هڪٻئي جا محافظ ۽ مددگار آهن ۽ الله تعاليٰ پرهيزگارن (مومنن) جو ڪارساز ۽ مددگار آهي.

هٰذَا بَصَآئِرُ لِلنَّاسِ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) هي ڳالهيون ماڻهن جي لاءِ اکيون کوليندڙ ثابتيون آهن ۽ جيڪي ماڻهو (علم حاصل ڪري) يقين رکن ٿا تن جي لاءِ رهنمائي ۽ رحمت آهي.

اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ اجْتَرَحُوا السَّيِّاٰتِ اَنْ نَّجْعَلَهُمْ كَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ سَوَآءً مَّحْيَاهُمْ وَمَمَاتُهُمْ ۭ سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿٢١﴾

(٢١) جيڪي ماڻهو برائين جي پٺيان لڳي پيا آهن سي هئين ٿا سمجهن ڇا ته اسان ڪين انهن سان برابر ڪنداسين، جيڪي ايمان ٿا آڻين ۽ صالح عمل ٿا ڪن؟ ۽ سندن زندگي ۽ موت هڪ جهڙو ڪنداسين؟ (هرگز نه!) جيڪي هنن سمجهيو آهي ۽ جيڪو هنن فيصلو ڪيو آهي سو ڪهڙو نه غلط ۽ خراب آهي!

رڪوع 3

**دهريا رڳو گمان تي آهن، هنن کي يقيني علم ڪونهي.**

وَخَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ وَلِتُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍۢ بِمَا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٢٢﴾

(٢٢) ۽ الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين کي حڪمت جي تحت خلقيو آهي (بنا مقصد نه پر ڪنهن مقصد سان) انهيءَ لاءِ ته هرهڪ شخص پنهنجي ڪئي ڪمائيءَ جو بدلو پائي، ۽ ساڻن ذرو به بي انصافي ڪانه ٿيندي.

اَفَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ وَاَضَلَّهُ اللّٰهُ عَلٰي عِلْمٍ وَّخَتَمَ عَلٰي سَمْعِهٖ وَقَلْبِهٖ وَ

(٢٣) ڇا تو انهيءَ شخص کي ڏٺو آهي، جنهن پنهنجي خواهشن کي پنهنجو خدا بنايو آهي، ۽ الله تعاليٰ (سندس اها روش ڏسي ۽) ڄاڻي

جَعَلَ عَلٰى بَصَرِهٖ غِشٰوَةً ؕ فَمَنْ يَّهْدِيْهِ مِنْۢ بَعْدِ اللّٰهِ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۲۳﴾

ٻجهي ڪيس گمراهه ڪري ڇڏيو آهي، ۽ سندس ڪنن تي ۽ قلب تي مهر لڳائي ڇڏي آهي ۽ سندن اکين تي پردو چاڙهي ڇڏيو آهي. سو الله تعاليٰ جي ائين ڪرڻ بعد ڪير آهي جو هن کي سڌيءَ راهه تي آڻي سگهندو؟ ڇا توهان نٿا سمجهو ۽ نٿا نصيحت وٺو؟

وَقَالُوْا مَا هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا نَمُوْتُ وَنَحْيَا وَمَا يُهْلِكُنَآ اِلَّا الدَّهْرُ ۚ وَمَا لَهُمْ بِذٰلِكَ مِنْ عِلْمٍ ۚ اِنْ هُمْ اِلَّا يَظُنُّوْنَ ﴿۲۴﴾

(٢٤) ۽ هو چون ٿا ته بس فقط اهائي دنيا جي زندگي آهي (ٻي ڪانه ٿيندي) اسان (هتي ئي) مرون ٿا ۽ جيئون ٿا، ۽ زمانو ئي اسان کي فنا ڪري ٿو. انهيءَ بابت هنن کي علم آهي ئي ڪونه، هو فقط اٽڪلون ٿا ڊوڙائين.

وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ مَّا كَانَ حُجَّتَهُمْ اِلَّآ اَنْ قَالُوا ائْتُوْا بِاٰبَآئِنَآ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۲۵﴾

(٢٥) ۽ جڏهن اسان جون چٽيون آيتون کين پڙهي ٻڌائجن ٿيون تڏهن هنن جو دليل فقط هي هوندو آهي جو چوندا آهن ته جيڪڏهن توهان (مومن پنهنجي خيال ۾) سچا آهيو ته پلا اسان جي ابن ڏاڏن کي آڻيو (ته اسان پنهنجي اکين سان کين ڏسون).

قُلِ اللّٰهُ يُحْيِيْكُمْ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يَجْمَعُكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۲۶﴾

(٢٦) (اي پيغمبر!) تون چئو ته، الله ئي اوهان کي جيئاري ٿو، وري ماري ٿو. پوءِ هو قيامت جي ڏينهن اوهان کي گڏ ڪندو. انهيءَ ۾ ذرو به شڪ ڪونهي، پر گهڻا ماڻهو اها ڳالهه نٿا ڄاڻن ۽ سمجهن.

رڪوع 4

**آخرت جي ڏينهن ضرور انصاف ٿيڻو آهي.**

وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يَوْمَئِذٍ يَّخْسَرُ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿۲۷﴾

(٢٧) ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي فقط الله جي آهي ۽ جنهن ڏينهن (فيصلي جي) گهڙي قائم ڪئي ويندي تنهن ڏينهن حق کي ڪوڙو نهرائيندڙ ماڻهو نقصان هيٺ ايندا.

وَتَرٰى كُلَّ اُمَّةٍ جَاثِيَةً ۫ كُلُّ اُمَّةٍ تُدْعٰٓى اِلٰى كِتٰبِهَا ؕ اَلْيَوْمَ تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۲۸﴾

(٢٨) ۽ تون ڏسندين ته هرڪ فرقي جا ماڻهو گوڏن ڀر ڪريل هوندا، ۽ هرهڪ فرقي کي سندن اعمال نامي ڏي سڏيو ويندو (۽ اعمال نامون ڏيکاري) کين چيو ويندو ته جيڪي جيڪي عمل توهان ڪيا هئا تن جو بدلو اوهان کي اڄ پورو پورو ملي ويندو.

هٰذَا كِتٰبُنَا يَنْطِقُ عَلَيْكُمْ بِالْحَقِّ ؕ اِنَّا كُنَّا نَسْتَنْسِخُ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۲۹﴾

(٢٩) هي اٿوَ اسان جو لکايل اعمال نامون جو اوهان بابت سچو سچو احوال ٿو ٻڌائي، جيڪي جيڪي اوهان ڪندا هئو سو يقيناً اسان لکائي دفتر تي آڻيندا هئاسين.

فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُدْخِلُهُمْ رَبُّهُمْ فِيْ رَحْمَتِهٖ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْمُبِيْنُ ﴿۳۰﴾

(٣٠) سو جن ماڻهن ايمان آندو هو ۽ چڱا عمل ڪيا هئا تن کي سندن پروردگار پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪندو. اها ظاهرظهور وڏي ڪاميابي هوندي.

وَ اَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۣ اَفَلَمْ تَكُنْ اٰيٰتِيْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَاسْتَكْبَرْتُمْ وَ كُنْتُمْ قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿٣١﴾

(٣١) پر جن (حق تي هلڻ کان) انڪار ڪيو هو (تن کي چيو ويندو تہ) ڇا اسان جون آيتون اوهان کي پڙهي ڪونہ ٻڌايون وينديون هيون؟ پر توهان تڪبر ڪيو ۽ توهان گناهن ۾ غلطان ماڻهو هئو.

وَ اِذَا قِيْلَ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّ السَّاعَةُ لَا رَيْبَ فِيْهَا قُلْتُمْ مَّا نَدْرِيْ مَا السَّاعَةُ ۙ اِنْ نَّظُنُّ اِلَّا ظَنًّا وَّ مَا نَحْنُ بِمُسْتَيْقِنِيْنَ ﴿٣٢﴾

(٣٢) ۽ جڏهن چيو ويندو هو تہ بيشڪ الله جو واعدو حق آهي ۽ (فيصلي جي) گهڙي ضرور اچڻي آهي ۽ ان جي اچڻ بابت ذرو بہ شڪ ڪونهي، تڏهن توهان چوندا هئو تہ اسان ٿا ڄاڻون تہ گهڙي ڇا آهي، اسان تہ ڀانيون ٿا تہ اهو خالي خيال ۽ وهم آهي، ۽ اسان کي ان تي يقين بلڪل ڪونہ ٿو اچي.

وَ بَدَا لَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا عَمِلُوْا وَ حَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٣٣﴾

(٣٣) ۽ هنن لاءِ سندن عملن جون برايون ظاهر ٿي پونديون، ۽ جن (عذاب جي) ڳالهين تي ٺٺوليون ڪندا هئا، سي کين گهيري وينديون.

وَ قِيْلَ الْيَوْمَ نَنْسٰىكُمْ كَمَا نَسِيْتُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا وَ مَاْوٰىكُمُ النَّارُ وَ مَا لَكُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٣٤﴾

(٣٤) ۽ (کين) چيو ويندو تہ اڄ اسان اوهان کي وساري ٿا ڇڏيون، جيئن اوهان هن پنهنجي ڏينهن جي پيش اچڻ (جي حقيقت) کي وساري ڇڏيو هو، ۽ (هاڻي) توهان جي رهڻ جي جاءِ (دوزخ جي) باهہ آهي، ۽ اوهان جو ڪوبہ مددگار ڪونهي.

ذٰلِكُمْ بِاَنَّكُمُ اتَّخَذْتُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا وَّ غَرَّتْكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۚ فَالْيَوْمَ لَا يُخْرَجُوْنَ مِنْهَا وَ لَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ ﴿٣٥﴾

(٣٥) هي (عذاب) هن ڪري اٿوَ جو توهان الله تعاليٰ جي آيتن ۽ حڪمن تي ٺٺوليون ڪيون، ۽ دنيا جي زندگيءَ (جي حرص هَوس) اوهان کي ٺڳي ڇڏيو. سو هاڻي ان (عذاب) مان ڪونہ ڪڍيا ويندا نڪي سندن ڪو عذر قبول ڪيو ويندو.

فَلِلّٰهِ الْحَمْدُ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَ رَبِّ الْاَرْضِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٦﴾

(٣٦) سو سڀ ساراهہ انهيءَ الله جي لاءِ آهي جو آسمانن جو پروردگار آهي ۽ زمين جو بہ پروردگار آهي ۽ سڀ ڪائنات جي پرورش ڪندڙ آهي.

وَ لَهُ الْكِبْرِيَآءُ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۪ وَ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٣٧﴾ ع

(٣٧) ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ فقط سندس ئي شان ۽ وڏائي آهي ۽ اهوئي وڏي طاقت، غلبي ۽ حڪمت وارو آهي.